# ڪيئڙا ولر کان وڇڙيا

گوبند مالهي

چوند پبليڪيشن

چونڊ پبليڪيشن جي پهرين چونڊ

# پکيئڙا ولرکان وڇڙيا

گوبند مالهي

چونڊ پبليڪيشن

معرفت ۴۸۴ صدر حيدرآباد

قيمت ............... ٢ روپيہ

ســال ............... ١٩٧٣ مارچ

---

هي ڪتاب علي مرتضيٰ ڏاريجو جمالي پريس حيدرآباد
مان ڇپرائي حيدرآباد مان پڌرو ڪيو.

چونڊ پبليڪيشن پاران ڀرين چونڊ اوهان جي
خدمت ۾ حاضر آهي. اميد ته توهان جي
پسند مطابق هوندي ۽ ئي چونڊ تمام
ترت پيش ڪنداسين. اسان جو
مقصد آهي ته بهترين
آکاڻو سنڌي ادب
ڏورڙيءَ
قيمت تي پڙهندڙن
لاءِ پيش ڪيون. سب
کان اڳ ۾ گوبند مالهيءَ
جو لازوال ناول "پکيئڙا ولر کان
وڇڙيا" اوهان جي اڏو آهي.

مانيٽي ماحول، عمدي رهائش ۽ لذيذ کاڌن لاءِ

گهٽ خرچ بالانشين

# هوٽل اسٽار لائٽ

گاڏي کاتو، حيدرآباد سنڌ.

ڊنر ۽ دعوتن لاءِ به اسان جو خدمتون

حاصل ڪريو.

فون نمبر: ٢٥٦٢۴

# هوٽل يونائيٽيڊ

جيڪا شهر جي وچ ۾ سنڌ جي روايتي مهمانوازي

جو مرڪز آهي.

---

# چانڊني لائونج

## سينٽرلي ايئرڪنڊيشن

جتي هر قسم جا کاڌا مغربي توڙي نج سنڌي ملن ٿا.

---

# منساني لائونج

## اوپن ايئر ٿيٽر ۽ T.V جو انتظام آهي

رهائش جو بهترين انتظام- خوش اخلاق عملو-

بهترين سروس- **هوٽل يونائيٽيڊ** جون خصوصيتون آهن.

پارٽي وغيره جو به انتظام آهي. فون نمبر ٢٣١١٠

. آيامن جي ڳالھ ڪونہ ٿو ڪريان.

اٽڪل ويھن ورھين اڳ جوئي ذڪر آھي.

منھنجي ڏاڏي صبوح شام "ادائي گھرن" جي خير جي دعا پنندي ھئي. موسيٰ خان جي ڌيءَ زينت ۽ مان اڌرن دادڙن راند رمندا ھئاسين. مان ڪڏھن چڙي ھن کي ڳل ڏاري چماٽ وھائي ڪڍندو ھوس تہ ھوءَ پاپيءَ وٽ دانھين ويندي ھئي.

پاپي ھن جا وار سنوار يندي ھئي، ھن کي گود ۾ ويھاري پيار ڪندي ھئي ۽ مونکي ........ جھڻڪندي ھئي.

مان ۽ منھنجي پيءُ ھرروز چاچي عبدالله کان خرچي گھرندا ھئاسين گويا ھو اسانجي پيءُ جو سڳو ڀاءُ ھو.

سيندس طبيب عليل علوءَ ماءُ جي دوا درمل مفت ڪندو ھو، ائين جيئن پٽ ماءُ جي سنڀال لھي.

علوءَ ماءُ جي ڏنيل ڌيءَ جنت خاتون وري سيندس جي شرارتي پٽ ٽيڪوءَ لاءِ رسيل صوفي ڀر لڪائي رکندي ھئي.

آواره هيمون آڙ ڀنگايون ڪري، ڏيئارام جي موچڙن کان بچڻ لاءِ عثمان ڏوبيءَ جي گهر وڃي پناه وٺندو هو.

عثمان جي مڙهي ماءُ کي به اؤکي مهل ايندي هئي ته ڏيئارام وٽ ئي ڊوڙي ايندي هئي.

مکي وريلداس جي گهر واري ويم ۾ گذاري ويئي ته... دائي حليمان نئين چاول ٻارکي ڇاتيءَ سان لائي تاتيو نپايو. مکي سرڳي مرندي سري ويو، حليمان جو احسان ڪڏهن ڀلائي نه سگهيو.

۽ آهو آبهم.........سيٺ جهامراءِ!

*    *    *    *    *

ٻه سال اڳ سيٺ جهامراءِ کي حليما جي موت جي خبر ملي ته هنجي نيڻن مان جهر جهر ڪندا لڙڪ لڙي پيا.

نيڪو اڄان تائين جنت خاتون سان خطپٽ جو رستو رکندو اچي.

آواره هيمون اڄ به عثمان ۽ هنجي ماءُ کي ياد ڪندو آهي.

منهنجي پيءُ بہ، چاچي عبدالله کي وساري نہ سگهندي آهي.

۽ زينت!

اڪثر نيڻن ۾ خمار ڀريل، چپن تي مرڪ آئي،
سرخ گل ڪٽي منهنجي سامهون اچي بيهندي آهي.

*　*　*　*　*

ويهن سالن ۾ دنيا جي اتساهه ڪافي ڪروٽ بدليا.
۱۹۴۷ع ۾ تہ ڀيانڪ ڀوڪنپ ٿيو.
گهر اجڙيا، ڳوٺ ۽ شهر برباد ٿيا. لڪين انسان
جلاوطن ٿي ويا.
حيوانيت انسانيت کي نگهوسار ڪرڻ جي ڪوشش
ڪئي، پر انسانيت مئي ڪانہ!
انسانيت پوين پساهن تي پهچندي بہ زندگي طرف
هاسو وڌايو.

۱۰ جولاءِ ۱۹۵۳
بمبئي

گوبند مالهي

سوڀي گيانچنداڻيءَ
کي

زندگي منهنجي ۾ اي دوست جڏهين تون آئين
ڇڏ طوفان ۾ ڪشتي کي مليو ويو ساحل
منهنجي بيگانہ جواني کي هو رهبر جو ضرور
منهنجي قسمت هئي جو تو جهڙو ٿيو رهبر حاصل

(آنچل)

يارهن جا ٽڪاءُ ٻڌي ڪندن، بستري تي اٿي ڪِرڙو ٿي ويٺو. اونده سبب هو ڪجهه ڏسي ته نه ٿي سگهيو پر پٽس جا ڪونگهرا صاف پئي ٻڌا. ماڻس ڪي ٻه، سمجهائين ته، پوئيون صبوح هوندو. پر آئل...... هو اڃان جاڳندو هجي ته!

آئل جو ويچار ايندي ئي هنجي دل ڪي قدر ڏڪي ويئي. هيلتائين ننڍو ڀاءُ وڏي ڀاءُ کان ڊپ رکندو آيو هو ۽ اڄ وڏي ڀاءُ ننڍي ڀاءُ کان ٿي ڇرڪيو.

ڪندن ويچارڻ لڳو...... مون ناحق ها ڪئي. ڪير به جاڳي پيو ته...... امان ڇا چوندي؟ بابي کي خبر پوندي ته هڏ ڳڏ ڀڃي ڇڏيندم ۽ آئل...... هن اڳيان ته عمر ڀر لاءِ منهنجو ڪنڌ هيٺ ٿي ويندو.

ڪندن وري ليٽي پيو.

هنجي ڪنن ۾ پيءُ جا لفظ ٻرڻ لڳا: سانول جي صحبت توکي ڪٿان جو به نه رکندي.

ڪندن به گويا اڄ پيءُ سان سهمت ٿيندي ساڳي ڳالهه سوچڻ لڳو: هيلتائين نه، ته اڳتي هلي سانول جي دوستي ضرور مهانگي پئجي ويندي. هونءَ به هنجي صحبت مان سواءِ بدناميءَ ۽ برائيءَ جي پيو حاصل ئي ڇا ٿيو اٿم. سڄو وقت ريل ڇيل رلڻ پنڻ، ڪوڙ ڳالهائڻ، جوئا ڪرڻ ۽ هاڻي چوري......

ڪندن جي سرير مان وري ب هڪ دفعو ڏڪڻيءَ جي لهر ڊوڙي ويئي. سوچڻ لڳو...... اٺئيه راتيون چور جون ت تيهين رات ساڌن جي ئي ٿيندي آهي. تنهن ڏينهن ئي جونا جي ٽڪريءَ تي پڪڙجي پوان ها پر قسمت ڪا زور هيو. سانول جمعدارڪي چيو هو ت هيءُ منهنجي ماءُ جي چوڻ تي مونڪي سڌڻ آيو آهي. ۽ هيءُ جونا نٿو ڪري. جمعدار هن جي ڳالهه تي اعتبار ڪري ويو. خاص ڪري بابي جي نالي پڌڻ بعد ت جمعدارڪي ذرو ب شڪ ڪونہ پيو. سانول ۽ پيا سوين اوگڻ هجن، پر هو دوکيباز دوست نہ آهي. هنجي وفاداريءَ جي دشمن ب ساراه ڪندا آهن.

سيٽيءَ جي هڪ تيز آواز وايومنڊل کي چيريندو ڪندن جي ڪنن تائين پهتو.

سانول جي سيٽيءَ جو سيڃارو آواز!

ڪندن ان سيٽيءَ اڳيان ڪمزور بڻجي ويو......

مونکي هي ڪم ڪرڻو ئي پوندو، نہ ت سانول مونکي ڪانئر سمجهندو، انجام جو ڪچو سمجهندو.

ڪندن بستري تان اٿي ڪڙو ٿيو ۽ پير پير ۾ ڪٽندو گهڙامنجيءَ وٽ پهتو. ڪليءَ ۾ ڪنجين جو ڇڳو ٽنگيو پيو هو، ساڄو هٿ وڌائي اهو لاٿائين. لاهيندي ڪنجين جي جهڻ جهڻ جي اٹلڪي آواز تي ڪندن چرڪ پري اٿيو. هو نئون چور هو. ڪامل چور جون

وصفون اچان منجهس ڪونه آيون هيون. ڏڪندي اکيون ٽاڙي چوڌاري نهارڻ لڳو. ٻه چار منٽ اونده ۾ يڪ ٽڪ نهاريندي نيٺ هنکي پيءُ، ماءُ ۽ آئل جي ڪٽولن جو ڌنڌلو چٽر نظر آيو. سڀيئي ننڊ ۾ غافل هئا. پڻس جا ڪونگهرا بدستور جاري هئا. ڪنڌن سامت جو ساهه کنيو. هن گهڙامنجيءَ هيٺان رکيل اکري کڻي، ڪوٺيءَ جي دروازي اڳيان اونڌي ڪري رکي ۽ ان تـي چڙهي نهايت خبرداريءَ سـان ڪلف ۾ ڪنجي وجهي اهو کوليائين. پوءِ ڪڙو لاهي دروازي جي هڪ طاق کي ٿورو ڌڪيائين.

ڪوٺيءَ ۾ گهڙڻ کان اڳي ڪنڌن هڪ دفعو وري ٻه سامهون سمهيلن ڏانهن سرسري نظر ڊوڙائي ۽ پوءِ ڪمري ۾ اندر داخل ٿي آهستي طاق اندران بند ڪري ڇڏيائين. خبر هيس ته ڪمري جي پرينءَ ڪنڊ ۾ هنڌن واري کٽ تي مٿن واري پاسي، وهاڻن جي ٿهي هيٺان، ٽارچ رکي آهي. سو اونده ۾ هٿوراڙيون هڻندو اچي پهتو ۽ ٽارچ هٿ ڪري انجو بٽڻ دٻايائين. پوءِ هريءَ جي دريءَ وٽ پهچي مٿان جاري تـان ڪنجي کنيائين.

هريءَ اندر ڪنڌن کي ڪروندڙو ٿي گهڙڻو پيو. اتي بندين جي ٿهيءَ پٺيان ٻه ڪنجيون رکيل هيون. انهن ۾ هڪڙي چابي ٽجوڙي جي هئي. هن اها هٿ

ڪٽي ۽ ٽجوڙي ڪـوليائين. ٽجوڙيءَ ۾ سـامهون
ڪيترين ئي نٽڍيون وڏيون هڙون رکيون هيون.
ڪي ته پاڻ ئي دڪان تان آڻي اتي بند ڪيو هئائين.
ابراهيم جي هڙ به انهن وچ ئي رکي هئي. هن اها
هڙ کڻڻ لاءِ هٿ وڌايا پر هنجا هٿ روڪجي ويا......
ڏڪڻ لڳا. مگر اتيئي سانول جا لفظ ياد آيس: تنهنجي
پيءُ جي سموري دولت ابراهيم جهڙن غريبن جي ميڙي
چونڊي هڙپ ڪرڻ مان ئي ٺهي آهي. سوين گهر
برباد ڪرڻ بعد تنهنجي پيءُ پنهنجو هڪ گهر آباد ڪيو
آهي. ڪندن جي اکين سامهون ابراهيم جو ذرد چهرو
ڦري آيو. ڪالهه رات ئي شمن ڪڏيءَ جي پڳت ۾
ابراهيم چيو هو: نٽڍا سيٺ! منهنجا ڳهه موٽي نه
ملندا ته مان تباهه ٿي ويندس. مان وياج سميت سمورو
قرض چڪائڻ لاءِ تيار آهيان، پر مـڪي چوي ٿو ته
مدو پورو ٿي ويو آهي. ڳهه منهنجا آهن. مکي پنجاهه
روپين ۾ ٻن سون جو مال هڙپ ڪرڻ ٿو چاهي.

ڪندن سوچڻ لڳو: ابراهيم ڪهڙو نه سٺو آهي!
سانول ۽ مان جڏهن هن جي هٽيءَ تي ويندا آهيون
ته اسانجي ڪيڏي نه خاطرداري ڪندو آهي. ڪيٽن
نه گدرا ۽ هنداڻا، موريون ۽ ڪٽڪ جا آيون کارائيندو
آهي. هنجي زال زينت به اسانجي ڪيڏي نه خاطرداري
ڪندي آهي! اهي ڳهه به ته زينت جا ئي آهن!

ڪندن جي پڌ تر ختم ٿي ويئي. هن هٿ وڌائي ابراهيم واري هڙ ڪڍي ۽ تجوڙي بند ڪري ڇڏيائين. ڪندن جيئن اتي آيو هو تيئن واپس موٽيو ۽ گهر جو مهڙ وارو دروازو کولي، ڇپن وچ ۾ آگريون وجهي ميٽي وڃايائين ته سانول کن ۾ اچي وٽس پهتو.

"مونکي تو مان اهائي اميد هئي." سانول ڏهيل آواز ۾ چيو. ڪندن کهن جي هڙ هن جي حوالي ڪئي.

"ڪنهن کي خبر ته ڪانه پيئي؟"

"نه." ڪندن خشڪ ڇپن کي چپ سان آلو ڪندي جواب ڏنو ۽ سانول ڪجهه وڌيڪ چوڻ ٿي چوي تنهن کان اڳ دروازو بند ڪري ڇڏيائين.

ڪندن وري اچي بستري تي ليٽيو ته سهين ڀر هنکي ننڊ ڪانه آئي. هينئر هن تي وري ساڳيو ڊپ غالب پئجي ويو. ور ور ڏيئي هنکي اهوئي خيال ٿي آيو ته صبوح جو دڪان تي وڃڻ کان اڳ بابو مراديءَ واري پيتي ۽ بنديون ڪٽڻ لاءِ هريءَ ۾ ويندو، روزاني دستور مطابق تجوڙي کولي پنهنجو خزانو جاچيندو ۽ ...... ۽ ......

مونکي ڪهڙيءَ ڪنيءَ ڪنيو جو سانول جو چيو مڃيم. ابراهيم تباه ٿي وڃي يا زينت کهن بنا پسي لڳي، تنهن سان منهنجو ڪهڙو پريوجن؟ بابو ڪنهن جي گهر ڌاڙو ٿورئي ٿو هڻي اچي! سڀ وٽس ٿي سوالي

ٻڌجي ٿا اچن. هو پاڻ سيٺي کي مشڪلات وقت مدد ڏو ڪري. ابراهيم کي ڪنهن جهليو هو؟ هو مدي اندر وياج سميت رقم پهچائي پنهنجا ڪپهه ڇو نه ڇڏائي ويو؟

سانول ۽ ڪاڪي کي اسانجي شاهوڪاري ڪٽنڪي ٿي. ڏاڏي وڏان بابي توڙي ڪاڪي کي هڪ جيترو حصو مليو. ڪاڪي پنهنجو حصو ٻڪين ۽ گهوڙن پٺيان دڦ ڪري ڇڏيو. بابي سنجم سان پنهنجو حصو سنڀاليو ۽ سياڻپ سان انکي وڌايو.

بابو کهڙو نه سخت پرش آهي! روزانو پرڀات ويلي اٿي، سنان ڪري آسادي وار ۽ سکمني جو پاٺ ڪري. چڳي لڳي ڪڏهن صاحبن جي وڃن وٽڻ بنا ڪڏهن ڪٿو ڪونه ڇڪي. سنجها جو ٽڪاڻي ۾ وڃي رهراس جو پاٺ ٻڌي ۽ رات جو سمهڻ کان اڳي ڪيرتن سوهلو پڙهي.

ڪيرتن سوهلي جو ويچار ايندي ئي ڪندن جي خيالن پلٽو کاڌو. بابو چوندو آهي: جيڪو نيم سان ڪيرتن سوهلو پڙهندو آهي تنهنجي گهر چؤڌاري ڪوٽ ٻڌجي ويندو آهي. ڪوبه چور چڪار ان ڪوٽ کي ٽوڙي اندر اچي نه سگهندو آهي. پر اج ته مون ان ڪوٽ کي ٽوڙي ڇڏيو! بابي جو مطلب شايد ٻاهرين چورن سان ئي هوندو.

ڪندن اڪيون پوري پاسو ورائي ننڊ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پر ننڊ نه آيس. هو وري به پنهنجي پيءُ بابت سوچڻ لڳو. بابو دان پيچ به ڏورو ڪونه ٿو ڪري. ڳرپريپ ٿئي ته ٽڪاڻي ۾ لنگر جو اڌ خرچ پري ڏئي. وڌوائن کي ڪپڙا ڏئي، اسڪولي شاگردن کي انعام ڏئي.

پر اتيئي ڪندن کي سانول جا لفظ ياد آيا......

اِهو دان پيچ به ته غريبن جي پئسي مان ئي ٿو ٿئي. تنهنجي پيءُ کي به بابي جيتري جائداد ورثي ۾ ملي. ڏه جريب هنيءَ جا، رهڻ جي جاءِ، ٿورا مٽيا منڊيون ۽ اٺ نو سو روڪ، پر اڄ توهان وٽ ڀه سو جريب زميينداري آهي، ٽي جايون آهن ۽ سون ۽ روڪڙ جو ته شمار ئي ڪونهي. چاهه اهو سڀ سچتئي ڏنڌي جو ڦل آهي؟ رمضوءَ جي جاءِ اوهان کي ڪيئن ملي؟

رمضو ڏوبي جڏهن ڪندن جي پيءُ کان پنهنجي ڌيءُ جي شادي لاءِ پنج سو روپيه اڌارا ورتا هئا، تڏهن ڪندن ڄائو به ڪونه هو. پر ڪندن پنهنجي ماڻهن ۾ اچڻ کان وٺي ڏسندو آيو هو ته رمضان سندن ڪپڙا مفت ڌوئيندو هو. هن ڪڏهن پيءُ کي رمضوءَ کي ڪجهه ڏيندو ڪونه ڏٺو هو. پر رمضوءَ جي قرض جا اهي پنج سو اڃا نه لٿا هئا، الٽو ڪندن جي ڏسندي ڏسندي اهي وڌي هزار روپيه ٿي ويا هئا، ۽

رمضان جي گهرواري جاءِ گرويءَ بدلي سندن ٿي ويئي هئي. هينئر رمضان ان جاءِ جي مسواڙ چڪائڻ لاءِ سندن ڪپڙا مفت ڌوئيندو هو.

ڇا اهو انياءُ نہ آهي؟

سانول ڪيترائي دفعا ڪندن کان اهو سوال پڇيو هو، ۽ هو ڪڏهن بہ ان جو سڌو جواب ڏئي نہ سگهيو هو. پر اڄ پڌهن ڪندن جي دماغ ۾ اهو سوال آيو تہ هن جي چپن مان ازخود نڪري ويو...

اهو انياءُ آهي. پر هنجي دماغ ۾ وري ٻيو سوال اٿيو. اڄ تو ٻيءَ جي چوري ڪئي آهي، ٻيءَ سان دغا ڪئي آهي! ڇا اهو پاپ نہ آهي؟

اِن چوريءَ جي ياد ايندي ئي ڪندن کي وري پنهنجو ڏپ ويڙهي ويو ۽ پاپ ۽ انياءَ بابت هو وڌيڪ ڪجهہ سوچي نہ سگهيو. بابي کي خبر پئجي ويئي تہ هڏگڏ پيچي ڇڏيندم. ۽ بابي کي خبر ڪيئن نہ پوندي؟ صبوح جو ئي......

ڪندن جي سڄي بدن ۾ سيات پئجي ويو. ننڊ پر ڪري آڏامي ويس، دل ۾ ڏپ پرجي ويس ۽ وقت جونءَ جيان ڍلي رفتار سان چرڻ لڳو. ڪندن هينئر پاڻ کي گهٽ وڌ ڳالهائڻ لڳو. سانول کي حرف پڙهڻ لڳو. ابراهيم ۽ زينت تي بہ ڊوڙيو وسائڻ لڳو.

هن اوچتو ٻيءَ جي اٺڻ جو پرلاءَ پڌو. پٺس

نيم سوجب اِشنان وغيره جي ڪريا کان فارغ ٿي آسادي وار ڪرڻ ويٺو. اڳي ڪڏهن پيءُ جي آتڻ سبب يا آسادي وار ڪرڻ سبب ڪندن جي ننڊ ڦٽي پوندي هئي ته هو خفي ٿيندو هو. اندر ۾ ڪڙهندي سوچيندو هو ته بابي کي پرلوڪ لاءِ توشو ڳاهڻو آهي ته پاٺ پوڄا آهستي ڇو نٿو ڪري. رام کي ريجهائڻ لاءِ رڙين ڪرڻ ۽ سڀني جي ننڊ ڦٽائڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي؟

پر اڄ......

پر اڄ هنکي پيءُ جو آواز رڙيون ڪونه ڀاسيون. اڄ هو پيءُ کي مهاپرش سمجهڻ لڳو، جنهن گرواڻي جو آنند پاڻ به ٿي ماڻيو ۽ ٻين کي به اهو آنند ٿي وٺايائين. هن وڏو وراه سک پاءِ جي اصول تي عمل ٿي ڪيو.

وڏو وراه سک پاءِ!

ڪندن جي ويچار ڌارا وري پلٽو کاڌو...... ته بابو پنهنجي ملڪيت ٻين غريبن، محتاجن ۽ مظلومن ۾ ڇو نٿو ورهائي ڪانئي؟ پر پنهنجي تازي گناه جي احساس جي بار هيٺ هو وڌيڪ سوچي نه سگهيو. هو اڄ سخت پريشان هو. هن دل ئي دل ۾ پنهنجي فعل تي پڇتايو ٿي. جيئن چوري پڪڙجڻ جي گهڙي ويجهي پوندي ٿي ويئي تئن هنجي پريشانيءَ ۾ اضافو ٿيندو پئي ويو.

ڪندن پيءُ نيٺ آسادي وار پوري ڪئي ۽ وڃڻ وٺڻ لاءِ ٽڪاڻي روانو ٿيو. پيءُ جي وڃڻ بعد ڪندن به اٿي ڪڙو ٿيو ۽ وات ۾ ڏندڻ وجهي گهر مان ٻاهر نڪري ويو.

( ٢ )

ڪندن ڪان ڪِهن جي هڙ وٺي سانول پنهنجي انگوڇي جي پلوَ ۾ ٻڌي ۽ انگوڇو ڪلهي ۾ لٽڪائي، سيٽي وڄائيندو بيدڙڪ اڳتي وڌيو. بزار جي منهن وٽ پهچندي اوچتو هنجي ڪن تي چوڪيدار جي صدا جو پڙلاءُ پيو: خبردار رهو!

پر سانول خبردار رهڻ جي ڪا ضرورت نه سمجهي. هو بنا ڊپ ڊاءَ اڳتي وڌيو. ڪوٽ جا سڀ چوڪيدار هنجا واقف هئا، تنهن ۾ به مصري خان سان هنجو چڱو رستو هو.

"سانول سيٺ، هن مهل ڪيڏانهن!"

بزار جي منهن وٽ، ڪرمون سوناري جي دڪان جي دروازي مٿان لڳل نوٽيفائيڊ ايريا ڪاميٽيءَ جي ٻرندڙ شمعدان جي جهڪيءَ روشنيءَ ۾ به، مصري خان سانول کي سولائي سان سڃاڻي ورتو.

مصري خان پيمن جي دڪان اڳيان پاڻيءَ تي ويهي بيڙيءَ جو دم پئي هنيو. سانول به نزديڪ اچي، سندس پرسان پاڻيءَ تي ويهي رهيو. چيائين، "يار بيڙي ته ڏي."

مصري خان پنهنجي صدريءَ جي هڪ کيسي مان بيڙن جي دٻلي ۽ ٻئي کيسي مان ماچيس ڪڍي سانول اڳيان رکيو. سانول بيڙي دکائي هڪ ٻن سوٽن هڻڻ بعد، چيو "بيڙيون ته مون وٽ به جام آهن، پر پيمن جي پَٽَ پنهنجي ناالي سان آهي. تنهن ۾ به پيلي ڦاڪي واري پَٽ جو ته مٽ ئي ڪونهي."

"ڪمبخت وٺندو به پنجويهن جا پنج پئسا آهي نه! پين ڪان پئسو وڌيڪ تي."

سانول وري سوٽو هڻندي چيو، "ڪالهه شمن گڏيءَ جي ٻڪت واهه جي متي، ٻهرين ٻن ڏينهن جي ڪسر به پوري ٿي وئي ...... نه؟"

"خدا چوري کي آواز به غضب جو ڏنو آهي. گلي ۾ جنسي ڪوئل اٿس، ڪوئل!"

سانول وري ٻي ڳالهه چيڙي، "ٽيو ڏينهن نيڀنداس طبيب جي گهر کي جيڪو ڪاٽ لڳو تنهنجو ڪجهه پتو پيو؟"

ٻڌڻين ۾ ته چورن جو مڪو مچي ٿو وڃي. سڄي بدمعاشي نهال ڪلهوڙي جي هئي. اٺ ڏهه ڏينهن اڳي سندس گهر واري سخت بيمار پيئي هئي. نيڀنداس کي سڏڻ آيو پر هو وڃڻ جي ئي نه ڪريس. نيٺ نهال

جڏهن آٽ وٺي آيو ۽ ڀ روپيه روڪڙا باسيائين٘س تڏهن مس وڃي نيڻداس راضي ٿيو. پر نهال جي گهرواريءَ جو ڀڪيڙو طبيبن جي پهچڻ کان اڳي ئي پرواز ڪري چڪو هو. ڪالهه سائين نواب شاهه نهال کي گهرائي سخت مار ڪيائي. تڏهن نهال روئيندي، چوري باسيندي چيو: ان واڻئي جي گيسر ڪريڻي منهنجي حليما وفات ڪري ويئي. نيڻداس جو سمورو مال سڻي سگهيءَ سميت ڪالهه شام جو ونس پهچي ويو. واڻئي جو بخت بالا هو. سائين نوابشاهه کي ڇڏي ٻئي ڪنهن سعيد وٽ دانهين وڃي ها يا خود پوليس ۾ ئي فرياد ڪري ها ته به ......"

"رات احمد شاهه جي اولاق تي محفل هئي نه؟" سانول هنکي وچ ڪپيندي سوال ڪيو.

پر مصري خان کي وري بي ياد گيري آئي. سانول جي سوال جو جواب نه ڏيڻي چيائين، "اڙي چڱي ياد گيري ڏياريئه. مونکان ته صفا وسري ويو هو. وقت گهڻو ٿيو هوندو؟ پانيان ٿو ته هڪ ته لڳي ويو هوندو."

"هڪ کان مٿي ٿيو هوندو، چو؟

مصري خان اٿي کڙو ٿيو. پيڙين جي دبلي ۾ ماچيس کڻي کيسي ۾ وجهندي چيائين، "سائين احمد شاهه چيو هو ته هڪ بجي اٿارج. ڏيري جي سعيد سائين محمد علي شاهه کي سڪرنڊ کان اينڊڙ گاڏيءَ ۾ پڄعيدن

وچٿو آهي. اتان ڪراچيءَ ويندو. ڏيري جو شاه سائين وري به ميمبر چونڊيو آهي نه. راتوڪي محفل به شاه سائين جي شان ۾ ٿي هئي.

مصري خان هڪ هٿ ۾ نارج ٻئي هٿ ۾ لٺ جهلي اڳتي وڌيو. ويندي ويندي سوال ڪيائين "تون؟"

"مان ڪجهه دير هتي ترسي پوءِ گهر ويندس. ننڍي ڦٽي پيو تڏهن چيم، مصري خان سان ڪا گهڙي ويٺ شٺ هٿي اچان."

مصري خان اتي روڪجي چيو، هرڻ ته مان توسان ويهي ڏاڙ ٻئاڪ هٿان ها، پر ڳاڏيءَ جو معاملو آهي. تنهن ڪانسواءِ خبر اٿيئي ته ننڍو سائين ڪهڙو نه ڪرڙو آهي! نه ويندس ته ڪل لهرائي ڇڏيندم. شيرو ٻڪيءَ واري ڪي به اٿارٽو اٿم."

مصري خان جي هلڻ وڃڻ بعد سانول هلڪو ٿهڪ ڏنو. پٽ پٽ ڪري چوڻ لڳو: "پاڻ ته مونکي ڳوٺ جي واءِ سواءِ جي خبر ئي ڪانه آهي جو تفصيلن سان پيو ٻڌائي. مان ته ڪيس ٻتال ڪري رهيو هوس جئن مونکان ڪا پڇا ڳاڇا نه ڪري."

سانول اٿي هلڻ لڳو. هنجي دل بيحد خوش هئي ۽ هو هلڪي بي سري آواز ۾ ڳائڻ لڳو، "سهڻن سان سر لڳي منهنجو، حياتيءَ تائين ٻڌل آهيان."

سڪل نو لکي واه جي اورئين ڪپ تي انتظار ڪندي ڪندي ابراهيم جي چڙهه نڪري ويئي هئي.

تڏهن ناڪام ويٺي آهي!“ ۽ ڪنهن حد تائين
هنکي تسلي ٿي. سانول هميشه ڏک سک ۾ هنجو
ساٿ ڏنو هو ۽ اڳي به ڪيترن وقتن تي ڪيس مصيبت
جي منهن مان سلامت بچايو هٿائين. پنجورام جي
ڏڀين نڪري وڃڻ پيري جڏهن ابراهيم تي چوريءَ
جو الزام ڌريو ويو هو، تڏهن سانول ئي سائين
نوابشاه کي هنجي بيقصور هئڻ جي خاطري ڏني هئي.
سخي دادوائي جي ملاڪڙي ۾ سانول حاضر ڪونه هو.
هجي ها ته نندي سيد جي ڪاوڙ کان هوکيس ضرور
ڇوٽڪارو ولي ڏئي ها. پوءِ بس جڏهن پڌو هٿائين
تڏهن خود نندي سعيد جي منهن تي هنجي خاصخيليءَ
کي چغليءَ هڻڻ لاءِ شرمايو هٿائين. سانول ڪهڙو نه
سٺو هو!

”ماري ويو دلبر نيڻن جي ناز سان.“

ابراهيم چرڪ پري منهن ورايو. سامهون سانول
پٺي آيو. هنجي خوشيءَ جو پار ڪونه رهيو. سانول
جي ويجهي اچڻ تي دٻيل آواز ۾ سوال ڪيائين،
”ڪم ٿيو؟ منهنجو ته ساه ئي سڪي ويو هو.“
”نه.“ سانول منهن گنڀير بڻائي چيو، ”ڪندن
ڪوٺيءَ جو دروازو کوليو ته آواز تي ڪاڪو
جاڳي......“

”پوءِ ڇا ٿيو؟“ ابراهيم اتالو ٿي پڇيو.
”ڪندن چيس، پيٽ ۾ سور پيو اٿم، ڦوڏني جي

ٿڪي ڪٿڻ لاءِ ڪوٺيءَ جـو دروازو کوليو اٿم. ماڻ رکي رکي سيٽي وڄائيندو رهيس. ڪاڪي کي جڏهن وري ننڊ آئي، تڏهن ڪندن مهڙ وارو دروازو کولي مونکي اهو سماچار ٻڌايو.

”وري ٻه منٽ ٽيو“، ابراهيم سامت جو ساهه کنيو.

”منٽ ٽيو! زينت ڇا چوندي“

”منٽ نه ٽيو؟ مکيءَ کي اصل ڳالهه جو پتو پئجي وڃي ها ته تنهنجي منهنجي لاءِ قيامت اچي وڃي ها.“ ابراهيم ٻيهر اهو ساهه کنيو.

”منهنجي لاءِ نه، باقي تنهنجي لاءِ قيامت اچي ها. ڪاڪو منهنجو ڪجهه به بگاڙي نه سگهندو.“ اين چئي سانول نولکيءَ جو ڪپ وٺي هاڻ لڳو.

”ڪيڏانهن ٿو وڃين؟“

”اڄ تون ٻه مونسان گڏجي هل. مـان مست بابا جي مقام ڏانهن ٿو وڃان. هيڏي مهل گهر موٽي بابي آما جي ننڊ ڦٽائڻ ٺيڪ نه آهي.“

”مست بابا جي مقام تـي ته وڏو شاه سـائين به هوندو هو مونـکي هن وقت توسان گـڏ ڏسندو ته ڪاوڙبو.“

”نواب شاه اڄ پنهنجي اوطاق تـي سمهيو هوندو. ڊيري جو محمد علي شاه وٽن ٽڪيل آهي.“

ٻئي خـاموش گڏ هلندا رهيا. مرداني گهير وٽ ابراهيم ڪپ ڪان هيٺ شاهي رستي ڏانهن ٽـي ڦريو

تہ سانول چيس "کپ وڻندا اڌارام جي انھن کان ڦرندا ٿا هلون. هيڙي وڪڙي شاهي رستي تان هلڻ ٺيک نہ آهي. ڪڏهن وٽ محمد بخش پوليس وارو بيٺو هوندو. تنهن کان سواءِ سڪرنڊ واري گاڏيءَ جو وقت آهي. بگين وارا ايندا ويندا هوندا."

ابراهيم جيئن موٽيو ٿي تئن هنجي نظر وڃي سانول جي پٺيءَ تي، انگوڇي ۾ ٻڌل هڙ تي پيئي.

"ان هڙ ۾ ڇا آهي؟"

"مست بابا تازي گدامڙي خوشيءَ سان کائيندو آهي. ڏالوءَ وٽ ڪالھہ شام جو تازي گدامڙي آئي هئي، سو ڇهہ تہ ٽوري مست بابا لاءِ کڻي کڻان."

ٻنهي وچ۾ وڌيڪ گفتگو ڪانہ هلي.

* * * * * *

مست بابا جي مڪان تي نوابشاه جي ڪٽ خالي پيئي هئي، جيتوڻيڪ ان تي شاه جي غاليچي وارو هنڌ دستور موافق وڇايل هو. مست بابا پنهنجي ٿلهي تي اونڌو سمهيو پيو هو. شفو حجام اچا تائين مست بابا کي زور پئي ڏناءِ رکي رکي گهيرت بہ پئي کاڌائين ۽ سندس هٿ زورن ڏيڻ کان روڪجي بہ ٿي ويا، پر مٿت ئي سجاڳ ٿي وري زور ڏيڻ ٿي لڳو.

مست بابا جي مٿن کان گوشت جي پريل پليٽ رکيل هئي، ٻيءَ پليٽ ۾ بہ چار ڏڪڙ پيا هئا.

شاه جـي ڪٽ ۾ ٽلهي جي وچ ۾ اڌ ڊزن چرشٽي گانجمي ٽورا ٽيا پيا هئا. انهن رکي رکي پاسو ورائيندي پٽ پٽ به پٽي ڪٺي.

مقام جي بنا در واري سوڙهي لنگهه مان اول سانول ۽ سندس پٺيان ابراهيم اندر گهڙيو.

"خير ته آهي شفو، اڄان تائين هت ويٺو آهين؟" سانول ٽلهي جي ويجهو اچي دبل آواز ۾ پڇيو.

ابراهيم شاه جي ڪٽ پرسان ئي بيٺو رهيو.

شفوءَ هلڪو شرڪ پري اکيون ڦاڙي سانول ڏانهن نهاريو. هنکي سچائي ڇپائين "ڪالهه شام کان وٺي مست بابا کي منائي رهيو آهيان. گوشت ۽ روٽي به ٽري ويٺي آهي، پر باباکي اڄان ترس نٿو پوي."

"ڪهڙي ڳالهه آهي؟"

"ٽيو ڏينهن کان منهنجي پٽ وٽ جي سورن ۾ اڌ مٺي ٿي رهي آهي. اڄا هنجا بند خلاص نٿا ٿين. ڏاهين جـا ڏس ڪري ٿڪاسين نڌهن اچي مست بابا جـا پير پڪڙيا اٿم. پر اڄا ته بابا کي ترس ڪو نه ٿو اچي."

سانول کي شفوءَ جي انوکي شرڌا تي تعجب ڪو نه لـڳو. هيءَ ته شفوءَ پٽ جي بندن خلاص ٿيڻ جي تمنا سانڍي مست باباکي پيڙيون ٿي ڏنيون، گوشت ۾ ڊڳڙ ڪٽي آيـو هو، پر ڳوٺ پر جـا جوئاري پائي به ٽڪريءَ تي قسمت آزمائڻ کـان اڳ مست بابا وٽ

ڪري نہ سگهيو. هڪ طرف هنکي شفوءَ جي موجودگي ٿي کٽڪي ۽ ٻي طرف انديشو هوس نہ سانول مخوليازي ڪندو. اڃين سانول جي پرسان ٻيٺي ٻيٺي، سوچيندي سوچيندي ابراهيم جو هٿ وچي هڙ کي لڳو ۽ زبان مان بي اختيار نڪري ويس "هي ڇا، هي نہ مون وارا ڳهہ......"

سانول مٺ پڪوڙي ابراهيم کي ماٺ ۾ رهڻ جو اِشارو ڪيو ۽ شفوءَ ڏانهن نهاري چيائين "شفو، ڪٿي تنهنجي پرڻ...."

"اڃين نہ ڇٿو." شفوءَ ڏکويل آواز ۾ چيو، "منهنجي ماءُ جو هنياءُ ڏري پوندو. خيرو بي حال ٿڃي پوندو. اسان سڀ رلي ويندا سين."

"مون هڪ دعوگهران نگهہ نہ ڪري اچ" سانول هنکي صلاح ڏيندي چيو.

"مست بابا کي راضي ڪرڻ کان سواءِ مان هتان نہ چرندس." شفو دريتا سان وراڻيو.

مست بابا اني پرسو ورايو. شفوءَ هٿ مٿي ڪيا، مست بابا ڏنگون پچاڙي سڌو ٿي ممهيو. شفو وري پيرڙون ڏيڻ لڳو. مست بابا هڪ ڏنگ مٿي اٻي جهلي وري هيٺ ڪري ڇڏي.

"حرامزادو ڪير آهي؟" مست بابا اکين کولڻ کان سواءِ ئي پڇيو.

"سائين مان آهيان، شفو هجم." شفوءَ جي آواز

مان دل جي خوشي صاف ظاهر هئي. نيٺ سندس لاڏا سجايا ٿيا هئا.

”حرامزادا، ڪي ڪاڻ لاءِ آندو اٿئي؟ ٻـڪ لڳي اٿم.“

”سائين، ٻوڙ ماني آهي.“

”ڏيئم حرامزادا!“

شفوءَ ڏڪڙ مان وڏي گراهي ڀڃي، ٻوڙ جي رس مان ڀري ان ۾ سنڌَ ذري وجهي مست باباجي وات تائين آندي. مست بابا سڄي پئي ڏي وات کوليو. شفوءَ کي فقط هڪ دفعو گار ٻڌڻ جي لالس هئي، پر هت ته جملي جملي ۾ مست بابا ”حرامزادا لفظ پئي استعمال ڪيو. شفوءَ عقيدتمنديءَ سان مست بابا کي کارائيندو رهيو. ٻه ڏڪڙ کائي رهڻ بعد مست بابا ڪنڌ ورائي، ننڪون پچاڙي، وري اونڌو ٿي سمهي پيو. شفو پليٽون کڻي اٿيو ۽ ٽپ ڏئي ٽلهي تان هيٺ لٿو. سانول مذاقي نوع ۾ چيو، ”واڌايون هجنئي شفو! پائنئي چمڻ جون.

”تنهنجي وات ۾ گلاب“

”ته صبوح جو ڪيسن جي دڪان تي پيسٽري چانهه لڳي نه؟“

”چشمن سان.“ ائين چوندو شفو سڌو هٽي مقام جي سوڙهي لنگهه مان ٻاهر نڪري ويو.

سانول اٿيو ۽ مست بابا جي سيرانديءَ واري پاسي ڏانهن وڌيو.

”ڪيڏانهن ٿو وڃين؟“ ابراهيم اتاولو ٿي پڇيو.

”ڪجهه حال في الحال هٽ ٿو رکان. پر ٽن ڏينهن بعد ڪجهه ڀڃائي ويندوسان.“

سانول ڪسي مان ڏکي ڦر وارو ڇاڙون ڪڍيو ۽ ڪرڪڙيءَ واري سر جي مٿان وجهي، آنڪي آڏو جهلي زور ڏيڻ لڳو.

ٺيڪ آن مهل مقام جي سوڙهي لنگهه وٽ هڪ بگي اچي بيٺي. سانول ڪپ ڪرڪڙيءَ واري سر مان ڪڍي ڪيسي ۾ واس وڌو ۽ اٿي ڪڙو ٿي بيٺو. بگي جي پوئين خاني مان شيرو لٿو، پٺيانئس مدن فقير به لٿو. شيروءَ نوابشاه کان گهوڙي جو ون واڳون ورتيون ان وچ ۾ احمد شاه به هيٺ لهي چڪو هو. مقام اندر اول نواب شاه ۽ پٺيانئس احمد شاه ۽ مدن فقير گهڙيا.

”قبلا، مان وڃان؟“ شيروءَ پڇيو.

”وڃ.“ احمد شاه چيو.

ابراهيم جو ساه سڪي ويو، پر پاڻ سنڀالي وڃي نوابشاه کي پيرين پيو.

”ڪير؟“ نواب شاه هن ڏانهن چتائي ڏسندي پڇيو.

”ابراهيم وڪيل!“

”جيءُ قبلا“

ابراهيم احمد شاه کي به پيرين پئي هٿ ڇاتيءَ سان لڳايو.

”هيڏيءَ مهل هت ڇو آيو آهين؟“ احمد شاه پڇيو.

”شاه سائين، ابراهيم مون سان ڪڏ آيو آهي.“
سانول ٿورو اڳيرو وڌي چيو.
نواب شاه ۽ احمد شاه ڪٺ تي ٿي ويٺا. مدن فقير اڃان بيٺو هو.
”توهان هت ڪيئن آيا آهيو؟“ نواب شاه پڇيو.
سانول بنا هٽڪندي جواب ڏنو، ”پوهوءَ جي باغ ۾ مرلي پڙن ويا هئاسين، هتان لنگهندي شفو حجام کي مست بابا وٽ ويٺل ڏسي، اندر لنگهي آياسين. شفو به اڃا هينئر....“
”دال ۾ ڪجھ ڪالا آهي.“ نوابشاه هلڪو ٽهڪ ڏيئي احمد شاه کي چيو. ”مصري پهريدار جڏهن اوطاق تي آيو، تڏهن چيائين، سانول سان ڳالهين ۾ دير ٿي ويئي.“
سانول کي هڪدم پنهنجي غلطيءَ جو احساس ٿيو پر تير ڪمان مان ڇٽي چڪو هو. هو ڪنڌ نمائي مست بابا جي ٿلهي تي ويهي رهيو.
”دراصل ڳالهه ڇا آهي؟“ اهو سوال هينئر احمدشاه ڪيو. سانول آهستگيءَ سان چيو، ”صبوح جو اوطاق تي پڙائيندو سانو.“
”منهنجي پڙن جي ڳالهه نه آهي ڇا؟ نواب شاه مرڪي چيو. سانول ڪو جواب ڏئي ٿي ڏئي تنهن کان اڳ احمد شاه بلند آواز ۾ ابراهيم کان پڇيو، ”ڳالهه ڇا آهي؟“
ابراهيم اکيان سخي دادوائيءَ وارو نظارو ڦري آيو. هنجي رڳن جو خون خشڪ ٿي ويو. هنجا چپ ڦوڪيا

پر انهن مان آواز ڪونه نڪتو.
”ابراهيم جا پڇا! مان پڇان ٿو ڳالهه ڇا آهي؟“
احمد شاهه هينئر گرجندي چيو.
”ق.. ب...“ ابراهيم وڌيڪ ڪجهه نه سگهيو.
”مدن فقير، اتان مست بابا جو ڏنڊو نه ڪٽي وٺ.“
حمد شاهه آڀي ڪان ٻاهر نڪري ويو.
سانول هينئر گنڀيرتا سان چيو، ”شاهه سائين، ڪو گناه ڪيو آهي نه مون ڪيو آهي. سڀ به مون وٽ موجود آهي. ابراهيم ويچاري جڏهن ڪو قصور ڪيوئي ڪونهي نه جواب ڇا جو ڏئي.“
مقام ۾ سناٽو ڇانئجي ويو.
ٿوري دير بعد نوابشاهه چيو، ”سانول ڪهڙي ڳالهه ٿي آهي، جا مونکان به ٿو لڪائين.“
سانول کي هٽڪندو ڏسي مدن فقير ٽرڪڻ جي خيال کان احمد شاهه کي چيو، ”سائين سان پنهنجي گهران ڀنگ بادام مون ڪٺي اچان.“
بادامين جي ڪابه ضرورت ڪانهي.“ نوابشاهه چيو.
”رڳي ڀنگ گهوٽي وٺ. منهنجي پيتي ڪلي پيئي اٿيئي؛ اتان ڀنگ ڪڍ ۽ ڏنڊو ڪونڊو ڪٽ هيٺان پيو اٿيئي.“
”مونکي ڀنگ جو گلاس ڏج.“ احمد شاهه چيو.
”اڃان ٽڏيون پوري طرح ختم نه ٿيون آهن. گهاٽي ڀنگ ريزش لاهي ڇڏيندي.“
مدن فقير شاهه جي کٽ جي هيٺان ڏنڊو ڪونڊو

”آدا!“ احمد شاهہ جي آواز سانول جي خيالن جي سلسلي کي ڀڄي ڇڏيو. ”سانول مونکي ٻڌي اچي چوي ها تہ مان ظاهران ظهور مکيءَ کان ابراهيم جا ڳجهہ وٺي ڏيانس ها. توهان کي خبر آهي تہ مکي منهنجي چوڻ کان ڪڏهن ٻاهر نہ ويو آهي.“

”هاڻي ڇا ڪرڻو آهي؟“ نوابشاهہ سنجيدگيءَ سان پڇيو.

”مان بہ اهوئي سوچي رهيو آهيان.“ احمد شاهہ وراڻيو ۽ ٻوءِ ڳوڙهي سوچ ويچار ۾ ٻڏجي ويو.

ابراهيم اڳي ڪڏهن بہ دين دنيا جي اِنهن مالڪن، نبيءَ جي اولاد سعيد پيرن کي اهڙي طرح چنتا ۾ پڌل نہ ڏٺو هو. ٻنهي پيرن جي ٻڌيءَ جي هنڌين ماڳين هاڪ هئي. جيتوڻيڪ ٻئي سياھ ۽ صحبت ڪري نرالا هئا، پر ٻہ جسم هڪ جان سڏجي تہ جي مڙني سڃن برن، ڇڳن لڳن آدمين تي حڪمران هئا. وچہ ساڻول اڪيل نہ هجي ها تہ ٻئي گڏ، يا الڳ الڳ ابراهيم جو هڏ گڏ ڀڄي چور چور ڪري وجهن ها، پر ساڻول جي بچاءُ لاءِ ٻنهي هڪ ٻئي ڪال وڌيڪ حيران ۽ پريشان هئا.

”هيئن ڪر.“ نوابشاهہ احمد شاهہ ڏانهن منهن ڪري چيو. ”صبوح جو مکيءَ کي پاڻ وٽ گهراءِ ۽ ڳجهہ موڻائي ڏ ينس.

”۽ پڇي تہ ڳجهہ تو وٽ ڪٿان آيا تہ ٻوءِ مان

ڪنديون نہ آنهنجو ڀاڳ بہ نڀاڳ ٻڌجو وڃي! ڪندن ۽ سانول ڪي نہ سندس بدقسمتيءَ تڪليف ڏني هئي. پر هينئر آچي ڪاري جا مالڪ بہ ڏولاون ۾ اچي ويا هئا. سندس دل جي ڪنهن ڪنڊ ۾ احمد شاهہ جي مار جي ڏپ اچا بہ پاسا پئي بدلايا. سانول جي سهاري بہ، هنجي دل ڪي تسڪين نہ ٿي ڏني. ويئي سگهہ ڪي مرڪو ڪن بہ ڪپائي آئي....

”سانول!“ نوابشاهہ اوچتو بلند آواز ۾ چيو. ”تون ڪجهہ مون وٽ ڇڏي وڃ، مان پاڻيهي بندوبست ڪندس.“

”پر شاهہ سائين! ڪندن ۽ ابراهيم “.

”آن لاهہ اسان جيڪي مناسب سمجهو سو ڪنداسين.“

”منهنجو ابراهيم سان واعدو آهي تہ ڪجهہ ڪٿن بہ موٽائي وٺي....“

”اِن ڪميڻي وڪڻ سان واعدي ڪرڻ جي ڳالهہ مونسان نہ ڪر.“ احمد شاهہ هينئر وري غصي ۾ اچي چيو. ”اهو مردود ڪهڙو وقت منهنجي ڪاوڙ جي ڇپيءَ کان بچيل رهندو؟ ٻڪريءَ جي ماءُ ڪيستائين پنهنجي ٻچي جو خير منائيندي رهندي!“

ابراهيم ڪي ڏڪڻي وٺي ويئي. سانول ڪي بہ وڌيڪ ڪڇڻ جي جريت نہ ٿي.

”شاهہ سائين، پنڪہ کهوڙجي ويئي؛ ڪٿي اچان؟“ مدن فقير پريان ئي پڇيو.

نوابشاهہ سانول ڪي اشاري سان پاڙوٽ سڏيو.

”تون اهي ڪجهه مونکي ڏي، وڌيڪ هرڪنهن ڳالهه
جي جوابداري مونتي ڇڏ.“

سانول چون چرا ڪرڻ ڪانسواءِ پنهنجي انگوڇي مان
ڪجهن واري هڙ ڇوڙي نوابشاهه اڳيان رکي.

”وڃ، مدن فقير کي پنگ وجي ڇاڻاراءِ.“ نوابشاهه
سانول کي چيو.

سانول گهڙامنجيءَ تي رکيل دلو کنيو ۽ مدن طرف
وڌي ويو.

”چٽ جا پٽ!“ نوابشاهه هينئر ابراهيم کي چيو.
”ڪي ڪرڻ کان اڳ پنهنجي حيثيت سڃاڻڻ کپي. واڻيا
نيٺ واڻين جا پاڌر تي ڇتنداءِ پر تنهنجي پٽيءَ جي ڪل
لهي ويندي ۽ مهڻن جا مهنا چڪي پيهندي نبرندءِ.
مڪيءَ وٽ تو ڪجهه رکيا ڇو؟ جي رکيءِ ته مدي اندر
ڇو ڪين ڇڏايءِ؟ واڻين سان ڦٽائڻ مان به ڪڏهن ڪجهه
هڙ حاصل ٿيو آهي؟“

”پر قبلا....“ ابراهيم وري به، وڌيڪ ڪي چوڻ
جي جرئت ساري نه سگهيو.

”پر مگر گهٽي ني.“ احمد شاهه چيو. ”وڃ، وڃي
گهر سکي ٿيءُ. وري لڪڻ سان پٽي نه ڇلي ڇڏيان.“

ابراهيم پنهي سيدن جي پيرن تي هٿ رکي هليو
ويو. سانول کان موڪلائڻ نائين به نه ترسيو.

پنگه سوائي پي نوابشاهه سانول کي چيو، ”دنيا ۾

ڪوبہ ڪم ڪجي تہ آڳو ٻيچو ويچاري ڪجي. اهڙ
۾ لڙهي وڃڻ نادانن جو ڪم آهي؟"

( ۳ )

ڪندن گهران نڪري سڌو ٻيمن جي دڪان تي آيو. هن ڪان پاڏيءَ جو ڪلاس وٺي ڏنڊڙ لاهي منهن ڌوتائين ۽ پوءِ ٻيمن کي چانهہ جو آرڊر ڏنائين.

"ڇواڄ گهر ۾ چانهہ ڪانہ ٺهي آهي ڇا؟" ٻيمن چانهہ ٺاهيندي پڇيو. ڪندن کي ڪوبہ جواب نہ ڏيندو ڏسي وري چيائين، "مڪي اڃا اڳهڻو ٺڪاڻي ۾ ويـو آهي، وڃڻ وٺي. موٽيو ڪي موٽيو، توکي هٿ چـانهہ پيئندو ڏسي ڏمربہ."

"مان مانڊيءَ جي پٺيان وڃي ٿو وهان؛ بابو لنگهي وڃي تہ ٻڌائج."

ڪندن چانهہ جو اڌيڪو ڪلاس وٺي اندر ڌي ويو تہ پٺيان آواز آيو، "مڪي گهر آهي يا ٺڪاڻي؟"

ڪندن ڪنڌ ورائي ڏٺو، احمد شاهہ جـو خاصخيلي خانڻ بيٺو هو.

"ڇو، بابي ۾ کهڙو ڪم اٿيئي؟"

"سائين سائس گڏجڻ ٿو چاهي." خانڻ ورائيو.

ڪندن کي حيرت لڳي. صبوح صبوح جو احمد شاھ جو بابي ۾ ڪھڙو ڪم ٿي سگھي ٿو؟ شايد پيسن جي گھرج ھوندس. ھنڪي ڪنھن حد تائين تسلي ٿي. چيائين "بابو ڏڪاڻي مان ڪونه موٽيو آھي."

خانڻ ڪابي پاسي واري گھٽيءَ ۾ ھليو ويو. ڪندن ھيٺئر دڪان جي پاڻٽي تي رکيل ڪرسيءَ تي ويھي رھيو. چيائين، "ھاڻي بابو چوڪرين جي سڪول واري گھٽيءَ کان سڌو شاھ جي اوطاق تي ويندو ۽ واپس ڊنگورائين جي پاڙي کان موٽندو."

پيمن ٻہڙين جا پن ڪٽڻ ويٺو. ڪندن چانھہ پيئندو رھيو. راتوڪي گھٽنا اچا بہ ھنجي دماغ ۾ ٻئي ڦري، ڳالھہ ڪلڻ جي انديشي کيس اچا بہ پئي ستايو.

اِتي ڏيپچند ديڪ منشي مارڪيٽ مان ياجي وٺي موٽندي، روزاني عادت موجب پيمن جي دڪان تي چانھہ پيئڻ لاءِ آيو. پيمن ٻہڙين جا پن ۽ ڪٽنچي پاسيرو رکي ھنکي چانھہ ٺاھي ڏني. چانھہ پيئندي ڏيپچند چيو، "رات مڙيوئي ڳوٺ ۾ ڪا گھٽنا ٿي آھي."

ڪندن سراپجي ويو. ھنجي منھن جو رنگ لھي ويو. منھن بنائڻ لاءِ ڪلڻ جي ڪوشش ڪندي چيائين، "چا ٿيو آھي؟"

"مارڪيٽ ۾ ڪيسن جي دڪان تي مدن فقير ٿي چيو تہ رات ڳوٺ ۾ مڙيوئي ڪا گھٽنا ٿي آھي. مڪرنڊ واريءَ گاڏيءَ تي سيد احمد شاھ ۽ وڏو ياٺس

”اُڏڙي هل ڙي ڪونج، اسين ايندا سين!“

اهو بيسرو آواز سانول جو ئي هو، پر جيٺوءَ مـاءُ جي گهر مان اهو آواز ڪنهن پٺي ٻڌڻ ۾ آيو؟ ڪندن جيٺوءَ ماءُ جي گهر ٻاهران بيهي ويو.

”منهنجو ارادو پڪو اِرادو، اسين ايندا سين!“ سانول ٻي ست ڪٻاٽ لـڳو. ڪندن جي دل ۾ هڪدم سانول لاءِ نفرت جاڳي اٿي.... بدچلن! سو جيٺوءَ ماءُ سان به رستو اٿس. جيٺوءَ ماءُ ريجهو مل ۽ گهنشام جهڙن ڪيئي ڇوڪرن کي پڙهائي ڇڏيون. احمد شاه، بابو ۽ ڳوٺ جا ڪل معتبر ڪوششون ڪري ٿڪا، پر جيٺوءَ ماءُ پنهنجين شرارتن کان باز نه آئي. سو سانول ته هن اڪيان ٻار آهي. هوءَ هنکي اهڙي ڏيڻ ۾ گهليندي جتان هن لاءِ سنڀلڻ لڳين ذڪرڻ مشڪل نه، پر ناممڪن ٿي پوندو. پـر هو جيٺوءَ ماءُ جي ور چڙهيو ڪٿن؟ ڪڏهن چڙهيو؟ مونکي ڇو ڪين....

”اسڪول ڪونه هلندين ڇا؟“

ڪندن ڇرڪ ڀريو. آڏل سندس ننڍو ڀـاءُ ڪتاب کڻي اسڪول پٺي ويو. ڪندن شرمائجي ويـو ته مان وڏو ٿي به اجا هت وقت پيو وڃايان، پر ننڍي ڀاءُ کي چيائين، ”تون هل ته مان پندرهن ويهن منٽن ۾ اچان ٿو.“ ۽ هو سڌو گهر ڏانهن هلڻ لڳو.

گهر تائين پهچندي پهچندي ڪندن فيصلو ڪري ورتو ته جيڪڏهن سانول جيٺو ماءُ سان رستي رکڻ کان

باز نہ آيو تہ مان هن سان ملڻ ڳالهائڻ ڇڏي ڏيندس.

ڪندن گهر اچي ڏٺو تہ پڻس اچا واپس ڪونہ وريو آهي؛ هنجي جيءَ ۾ جان آئي. هن ڙڻ ٽڪڙ ۾ منهن ڌوتو ۽ نيرن ڪري اسڪول جا ڪتاب کڻي گهر کان ٻاهر نڪتو. پر اڃا ٻہ چار قدم مس کنيا هئائين تہ پڻيان سڏ ٿيس.

ڪندن دل ئي دل ۾ ڏڪي ويو. پيءُ جو آواز ٻڌنديئي هنجي ڇهري تي گناه جون ريکائون ظاهر ٿي ويئون. هو پٺتي موٽيو پر پيءُ اکيان ڪند مٿي کڻي نہ سگهيو؛ زبان تي مهر لڳائي پيءُ اکيان اچي بيٺو.

پڻس چيو، ”اڄ رات جو آئين نوين بجي سيد احمدشاه سان سندس اوطاق تي گڏجج. هنجو تو ۾ ضروري ڪم آهي.“

ايترو چئي پڻس گهر اندر گهڙي ويو. ڪندن هنجو منهن نہ ڏسي ڪونہ سگهيو هو، پر هنجي آواز مان ڀانپي ويو تہ پڻس جي دستوري سنجيدگيءَ پٺيان غصي ۽ ڏک جو گڏيل ڀاو لڪل هو. احمد شاهہ جو نالو ٻڌي ڪندن جا پت سنوان ٿي ويا. ڪندن جي هم عمر ڇوڪرن ۽ ڪن وڏن جو خيال هو، تہ احمد شاهہ ڪندن کي محبت ڪندو آهي. اهو ويچار اينديئي ڪندن جو منهن سرخ ٿي ويو ۽ ڇپن تي هلڪي مرڪ وري آيس. انئين تہ احمد شاهہ جو رستو ڳوٺ جي ڪيترن ودڀار ٿي ڇوڪرن سان هو پر ڪندن سان کي قدر وڌيڪ

سکهن ٿا، ڏوهاري کؤ ڪاڻين ٿا.“

ان ڏينهن بعد ڪندن ڪڏهن بہ هنجي ڪوٺائڻ تي، وٽس وڃڻ کان انڪار نہ ڪيو هو.

ڪندن گهر ۾ رات جي روٽي ڏٺي نہ کاڌي. خبر هيس نہ احمد شاھ ڪجھ نہ ڪجھ ضرور ڪارائيندو. احمد شاھ پلي ڳوٺ جو وڏيرو هجي پر ڪندن پيءُ کي پٽ جو مسلمانن وٽ ڪاڻڻ پسند ڪونہ هو. ڪڏهن ڪڏهن آڻ سڌي طرح هو پٽ کي منع بہ ڪندو هو، پر احمد شاھ جي قرب ۾ معذرت اڳيان ڪندن پيءُ جو فرمان شڪست کائي وهندو هو.

احمد شاھ پنهنجي ڪٽ تي ليٽيو پيو هو. خانڻ کيس زور پئي ڏنا. ڪٽ اڳيان وڇايل نڏيءَ تي موسو ماڇي ۽ هوندو دڪاندار ويٺا هئا. هوندي جا موسيءَ وٽ کي پيسا رهيل هئا. هن آن بنسبت پنهنجو طرف پئي هڏايو جو ڪندن آني پهتو. هنکي آدي ڏسي شاھ آٿي ويٺو. خانڻ کٽ تان لهي بنا ٽيڪ واري موڙي تي ٿي ويٺو. شاھ ڪندن کي کيڪاري پنهنجي پرسان کٽ تي وهاريو. ڪندن جي پڇيءَ تي هٿ ڦيري شاھ چيو، ”موسا، واڻئي کي پئسا چوڻ ٿو ڏين؟“

”بابا، حساب ۾ رولو آهي. منهنجي ڏيان ۾ ست روپيہ آهن، هوندومل يارهن ٿو چوي.“

هوندي دڪاندار چيو، ”مونوٽ بنديءَ ۾ سمورو حساب ڪتاب لکيل آهي.“

”مانَ مان چاڻين تہ واڻئي کي پئسا چڪتو ڪري ڏي نہ تہ خانڻ! اهو لڪڻ تي لاهي وٺ.“

خانڻ آئيو ۽ موڙي مٺان ڪلهيءَ ۾ ٽنگيل چمڙ جي ٿڪي وارو بيد جو لڪڻ لاهي شاهہ کي ڏنائين.

”پر بابا!“ موسي عاجزيءَ وچان چيو.

شاهہ انهيءَ تي ڪـرجـي چيو ، ”اهڙي اوڏر رکـايـو ڇو ٿا؟ هوندا مل، توڪـي هفتي انـدر پيسا نـہ ملن تہ مونکي ٻڌائج، هاڻي وڃو“

موسي جڏهن نڙڙي جهڙي پڇي پاڻي، تڏهن شاهہ پنهنجو بيد جو لڪڻ هوا ۾ ڦيرائي ڏکاءُ ڪندي چيو، ”ماڇيءَ جا پٽ! واڻئي کي سڀ پئسا ڏي، نہ تہ اڄ پئسا ڏيئي ڇڏ. واڻيو ٻيهر مونوٽ دانهين آيو تہ تنهنجو لاش هتان ٻاهر ويندو . سمجهيئہ !“

موسي ڪوبہ جـواب نہ ڏنـو. جهڙي پاڻي شاهہ کي پيرين پئي هونديمل پٺيان هلڻ لڳو.

”بچل کي نياپو ڏج....“ شاهہ جي آواز تي موسو بيهي رهيو. ”بچل کي نياپو ڏج تہ اسٽيشن واري باغ تي ٻہ هزار پڪيون سرون ۽ آٺ هزار ڪچيون سرون موڪلي ڏئي. مون سپاڻي رجب رازي ۽ ڪمين کـي اچڻ لاءِ چيو آهي، ٻڌءِ؟“

”ها، بابا!“ ائين چئي موسو هليو ويو.

ڪنڌن هيلٽائين ڪٺ جـي پاسي ٽنگون لٽڪائي ، ڪنڌ جهڪائي ويٺو هو. باغ جـو ٻڌي چيائين. ”باغ

۽ ڇا ٿا ٺهرايو؟"

"اُنهن پڇاڻ لاءِ ٻهرو ٿو جوڙايان. هن سال وڏ ڀور جهليو آهي."

شاهه خانڻ کي ويجهو اچڻ جو اشارو ڏنو.

"ڇئن جي دڪان تي وڃ، مان آڌ ڊزن بيضا اوپارڻ لاءِ ڏيئي آيو آهيانس. پليٽ ۾ اهي بيضا وٺي اچينس ڇئينس ته پندرهن ويهن منٽن ڪانپوءِ ٻه ڪوپ چانهه جا ڏياري موڪلي."

خانڻ جي وڃڻ بعد شاهه ڪندن کي نرمائيءَ سان سمجهائڻ لڳو.... سانول جي صحبت ۾ اٺين هوش وڃائڻ ٺيڪ نه آهي. هن سان سنڀالي هلڻ کپي؛ هن سان نه ڦٿائڻ کپي، نه صحبت وڌائڻ کپي. هو برابر سنگت جو سنو آهي پر هنڪي عمر پر جو دوست بڻائڻ نه کپي. هن پنهنجي حياتيءَ جو مقصد رلڻ پنڻ، جوئا ڪرڻ ۽ پنگ پيئڻ چونديو آهي. تو کي پيءُ جي ملڪيت سنڀالڻي آهي، دڪان وڌائڻو آهي ۽ ڪٽنب جي پالنا ڪرڻي آهي. مکي ٻڪيءَ پر تي ٻيٺو آهي، اڌل اڃا ننڍو آهي. تون شايد چوندين ته مان سانول کي سداري سگهندس؛ پر حقيقت هي آهي ته ڪچيءَ ڪنا نه وريا ته پڪيءَ ڇا ورندا؟ سٺي بڻجڻ کان بڇڙو بڻجڻ آسان آهي. اخلاق حاصل ڪرڻ کان اخلاق وڃائڻ سؤکو آهي. هڪ دفعو اخلاق وڃائي وري حاصل ڪرڻ اوکو نه، ناممڪن آهي."

اُئين ڪالهيون ڪندي ڪندي شاهه ڪنهن ڪان سانول جي محبت ڪان ڪناري ڪرڻ جو انجام وٺي ڇڏيو. ڪنهن هونءَ شايد نٺائي به وڃي ها، پر صبوح پنهنجي ڪنن سان جيئو ماءُ جي گهران سانول جو آواز ٻڌو هئائين. انهيءَ ڪري سندس دل اڳيئي کي قدر ڦري ويئي هئي. مٿان شاهه جي دليان هنکي سانول کان مڪمل طرح بدظن ڪري ڇڏيو.

( ۴ )

مست بابا جي مقام مان نڪري سانول ويچار ڪرڻ لڳو ته ڪيڏانهن وڃان. اول خيال آيس ته ابراهيم جي پٺ وٺان، هنکي ۽ زينت کي وڃي دلاسو ڏيان ته ستت ئي اهي ڪجهه واپس وٺي ڏيندو سانوه. اتيئي وري پيو ويچار آيس ... ڪالهه شام جو زينت ۽ هاجره اڳيان هام هڻي آيو هوس ته ڪجهه هٿ ڪرڻ ته منهنجي ڏائي هٿ جو ڪيل آهي، سو هينئر زينت کي ڇا چوندس ۽ هاجره کي ڪهڙو منهن ڏيکاريندس؟ سانول ڪان آيو ساه ڪڍي ويو. ڦره جوانيءَ جي ڏاڪي تي ڪڙي پري پيڪر.... هن ڪالهه ئي اڪين ۾ شرارتي چمڪ پري، عجيب مرڪ مرڪي چيو هو، ”سانول، مڪيءَ کان هڪ دمڙي

چڙائڻ به اؤکي آهي. صفحي اندر ڪوٺي، ڪوٺيءَ اندر
هري ۽ هريءَ اندر ٽجوڙي؛ ٽني سان گڏ مان ٻاڻ مکيءَ
جي گهر ايندي ويندي آهيان. ٽن ڪوٺن اندران گهه
ڪسڪائڻ سٺرو ڪم نه آهي. ٻڌو اٿم ته رات جو مکي
اک ئي ڪونه لائيندو آهي. نانگ وانگر پنهنجي دولت
مٿان پهرو ڏيندو آهي." ۽ پوءِ هن ٺهڪ ڏنو. ساڻ
ڪان پيهر ڏکهو ساهه کڄي ويو.

هاجره ڪٿن نه اوچتوئي اوچتو وڏي ٽي ويٺي هئي.
آنڌي ٽني سان گڏ هوءَ ڪندن جي گهر سالن کان
ايندي هئي. ننڍڙي جيتامڙي، ميري گدلي، ڦاٽلن ڪپڙن
۾ هوءَ پاڻيءَ جو هڪ دلو به ڪانه ڪٿي سگهندي هئي.
ڪوهيءَ مان ڏولي ڪانه چڪي سگهندي هئي. پيپ
چڪيندي آيساهي وٺي ويندي هيس. بس ڇاڻ هيس فقط
ته چيٽن ٺڦن جي. سانول کي ڪڏهن خواب ۾ به ويچار
نه آيو ته اهڙي ميري گدلي ڪمزور نينگر هڪ ڏينهن
سندس دل جي تخت تي براجمان ٿي ويندي. هوءَ
ڪٿن سندس دل تائين پهتي، اهو واقعو سوچيندي سانول
جي چپن تي مرڪ ڊوڙي آئي.

ڪندن کي ڦاروهان وٺندا هئا؛ ڪارا ۽ مٺا، پر
سخت. مارڪيٽ ۾ جيڪي ڦاروهان ايندا هئا سي ڪار
هوندا هئا ته سخت نه هوندا هئا، جي سخت هوندا هئ
ته ڪارا نه هوندا هئا. هڪ ڏينهن اڳي ڏوٺجو سبب
ڪارن جي سختي نڪري ويندي هئي ۽ آهي ڦٽل

ڪونڌرا ٿي ويندا هئا. سانول ڪندن تي ساهه ڇڏيندو هو. هن ۾ آوارا پڻي ۽ حسن پرستيءَ جو عجيب سنگم موجود هو. ڪنهن نه ڪنهن سهڻي ڇوڪر سان دل لڳائي بيسري آواز ۾ ڳائيندو رهندو هو:

"سهڻن سان سر لڳي منهنجو،
حياتيءَ ناڻين پڌل آهيان."

اول پڇن، پوءِ نرمل ۽ تنهن ڪانپوءِ ڪندن. سانول جهڙوئي خوش قسمت جوئاري هو تهڙوئي بدبخت عاشق هو. پڇن ٻيءَ جي دڙڪن ۽ چڙٻن تي ڪانٺس ڪنارو ڪري ويو. نرمل جوانيءَ جي ڀرئين ڏاڪي تي قدم مس رکيو هو ته ڏينهن جي جهڙپ جهٽڪو هنيو. هنجي بي وقتي موت لاءِ سانول پاڻ ئي جوابدار هو. تهه اونهاري جي ٻپهريءَ جي ساڙيندڙ آس ۾ ڪانوُ جي اک ٿي نڪتي، اُن وقت هو نرمل کي ساڻ ڪري پورڙيءَ واري دڪ تي صوفي پير پٺو ويو. پاڻ مٿي چڙهي وڻ جي ڏارن کي ڌوڻڻ لڳو ۽ نرمل هيٺ ڪرندڙ پڪل ٻير چونڊڻ لڳو. اچانڪ نرمل رڙ ڪئي، "سانول، مونکي آلتي ٿي اچي. مٿي ۾ زبردست سور اچي پيو اٿم."

سانول هيٺ لهي اُن وقت نرمل آلتي ڪئي. ڏڳاڏو ڪڙٻ جي ٻيل ڳاڙي پري، ڳوٺ پئي موٽيو. پئي ڪڙٻ تي چڙهي ويٺا. سانول نرمل جي گهر وڃي نه سگهيو، هو ٻاهرئي بيٺو رهيو. شام جو پنجين بجي اندران روئڻ

جو آواز آيو. سانول جو هنياءُ ڦاٽي پيو. هنجي دنيا برباد ٿي ويئي. سسر جي پٺيان روئندي رڙندو ويو. مڙهه کي آگ لڳائڻ کان اڳ، آنجو منهن کولي سورج جي سا ڪيا ۽ ڪيهه جي آنجلي ڏني ويئي. سانول جڏهن اکيون وڏي دلبر جو پويون ڀيرو ديدار ڪيو، تڏهن نرمل جي پاءَ وڏي واڪي ڪيس پارانو ڏنو. پر سانول آنجو جواب ڪونه ڏنو. هو هڪ ڪنڊ ۾ ويهي رئندو رهيو. لنبن ڏينهن بعد ٻيا ماڻهو ٿورو وقت پڇڻ پاءَ ڪري موٽي ويا، پر سانول ويٺو ڇڪيا ڏانهن ڏسندو رهيو، رئندو رهيو. نرمل جي صحبت محبت جا اڪيچار نظارا هنجي اکين سامهون پئي ڦريا. باهه جهڪي ٿي آجهامي ويئي. مسان ۾ اونده آنڌڪار ڇانئجي ويو، پر هنجي دل جون گهنگهور گهٽائون تهائين سياه ٿي ويئون. هو ويٺو رهيو، رئندو رهيو ۽ رکي رکي ٻيسري آواز ۾ گنگنائيندو رهيو:

يا ته پسڻ پرين جو، يا ته پرين جي پچار"

*　　*　　*　　*　　*　　*

ڪندن کي سخت، ڪارا ۽ مٺا ڏاروهان وڻندا هئا. ڪندن هنجو سوٽ هو، ڪانئس چار پنج سال ننڍو. ٻنهي جي پيٽرن جي قسمت الڳ الڳ هئي. هڪ وياج خوريءَ مان شاهوڪار ٿيندو پئي ويو، ٻيو بگين ٻنان پيسا وچائيندي سڄو ٿي رهيو هو. پيءُن جي دڪان تي

سانول جڏهن به مشڪل جو رڪارڊ ٻڌندو هو: ”ايڪ باپ ڪي دو بيٽي، قسمت جدا جدا!“ تڏهن اُنجي ثابتيءَ جي صداقت لاءِ هنکي دور وڃڻو نه پوندو هو. ٻه ڀائر هڪ ٻئي جي لاڳيتو رهندي به هڪ ٻئي سان مشڪل ڳالهائيندا هئا. ٻن سوٽن به ڪڏهن هڪ ٻئي کي عزيز ڪري نه چاتو هو. ٻئي جدا جدا حالتن ۾ وڌندا رهيا، هڪ ٻئي کان دور ٿيندا رهيا. پر نرمل جي موت اوچتو ٻنهي کي هڪ ٻئي جي ويجهو آڻي ڇڏيو. سانول جي ذهن ۾ گذريءَ جو چٽر ڦري آيو. پرڀات سمي جي ڌنڌلي روشنيءَ ۾ هن نرمل جي اُجهايل چِڪيا ڏانهن پئي نهاريو. هنجي اکين جا آنسو خشڪ ٿي چڪا هئا، پر دل جو درد اڃا دور نه ٿيو هو.

”سانول، تنهنجي ماءُ ٿي توکي سڏي!“

هن منهن ورائي ڏٺو. مسان جي ڦاٽڪ وٽ ڪندن بيٺو هو.

تنهنجي ماءُ! ايڏي درد هوندي به سانول جي دل اندر ٻچان جو جذبو بيدار ٿي ويو. منهنجي ماءُ! ڇا هوءَ هنجي ڪير ڪانه ٿئي؟ دولت اِنسان کي ايڏو مغرور، ايڏو ڪريل بڻائي سگهي ٿي!

گهر موٽندي سانول ڪندن کان پڇيو هو، ”منهنجي ماءُ، ڇا تنهنجي ڪجهه به نه ٿئي؟“

”ڇو ڪين؟ منهنجي چاچي آهي.“ ڪندن معصوميت سان مرڪندي ورائيو هو.

”پوءِ تو ’تنهنجي ماءُ‘ ڪري ڇو چيو؟“

ڪندن جي منهن تي اول معصوميت ۽ پوءِ گناهه جي احساس جو پاڇو ٿيو. ساول جي ڪئور دل موم ٿي ويئي.

”مان تنهنجو ڇا ٿيان؟“

”سوٽ.“

”سوٽ!“

ساول محسوس ڪيو ته دنيا بلڪل ويران نه آهي. بيابان ۾ به هنڪي ڇڙ خيابان هٿ اچي ويو.

ڏيري ڏيري ساول جي دل جي خالي تخت تي ڪندن براجمان ٿي ويو. دلين جي پيچن گنگا جمنا جو سنگم ڪري ڇڏيو. صوفي سماگمن، جوئا جي ٽڪرين، پگٽين ۾ هرهنڌ ڪندن ساول سان گڏ هوندو هو. پيءُ جي دپ کان ڪندن سڪول ڪونه گسائيندو هو. ٿورو وقت دڪان تي به وهندو هو، پر باقي وقت ساول جي سنگ ۾ گذاريندو هو. ڪندن ۾ احمد شاهه جي دلچسپي ساول لاءِ صرف سروَ جو سنديش ڪٺي آئي، چاڪاڻ ته هوڪانئس صفا ڇڇي ڏار نه ٿيو. فرق ايترو ئي پيو جو ڪندن کي کهڙيون ڪانئس الڳ ٿي احمد شاهه جي صحبت ۾ هليو ويندو هو.

پر پوءِ هڪ ڏينهن....

هاجره حسن ۽ جوڀن جي انوکي بهار ڪٺي ساول جي زندگي ۾ گهڙي آئي. جوان هاجره کي ڏسي ساول

جي دل ۾ جيڪا لرزش ۽ سرير ۾ جيڪا ڪنڪناٽي ٿي، اهڙي هن اڳي ڪٿي ڪنهن جي صحبت ۾ محسوس نه ڪئي هئي.

اوچتو شامونءَ جو باغ سامهون ڏسي سانول کان چرڪ نڪري ويو. گهڻا ڏينهن اڳي ڪنڊن لاءِ ڦاروهان، هو اِنهيءَ شامونءَ جي باغ مان ئي چنڊ آيو هو. پر اڄ جڏهن هو پنهنجن ئي پورن ۾ غلطان هو، تڏهن هنجا قدم بيخبريءَ ۾ پنهنجي محبوبا جي مڪان ڏانهن کڻي آيا هئا. ڦاروهن جا ٻوٽا سندس سامهون بيٺا هئا ۽ انهن وچمان پريان ابراهيم جي جهوپڙيءَ مان، ڏئي جي روشني پئي ڏسي.

سانول سوچڻ لڳو: ابراهيم کان احوال ٻڌندي زينت جا چپ چڙي پيا هوندا، شايد هنجون به هاريون هونداٺين. هاجره ٺٺوليءَ کانڻ مرڪ مرڪي چيو هوندو: مونکي اڳيئر ئي سڌ هئي. مکيءَ جا پير زور آهن، نه ته هيڏي ساري جائداد ڪاڪي ئي ڪئن سگهي ها؟

سانول جي همت پست ٿيڻ لڳي. هنجو ڏاڏو هٿ ڦاروهن جي پڻ ڏانهن وڌي ويو. هن هڪ پن پٽيو، آنکي هٿ ۾ جهلي مروڙيو ۽ جهوپڙيءَ ڏانهن ڏٺائين. وري ڦاروهن جي سامهون ليمن جي وڻن جي ڏاڏي پاسي واري ڪليل ميدان ڏانهن نهاريائين... ڪڪڪ جا ننڍا ڪانا يڪا يڪ بلند ٿي ويا. ننڍڙا سنگ وڏا ٿي جونئر جا سنگ بڻجي ويا. اچانڪ هڪ گليلاو سندس پيرن

وٽ اچي ڪريو. هن جوئر جي فصل ڏانهن نهاريو. پيهي نان هڪ چوڪريءَ چپاهه وٽ پوتي ٻڌي ڳليلي سان جهار پئي هڪلي. ڳليلي اچاڻ سان ”ٻاهو ٻاهو“ به پئي ڪيائين.

سانول ڪي ويچار آيو ته شامونءَ جي باغ ۾ ته ابراهيم پوڪ ڪند و آهي. هيءَ زينت به ڪانهي. ته چا هنجي پيڻ هاجره....ايڏي وڏي ٿي ويئي آهي!

ايتري ۾ وري ”ٻاهو ٻاهو“ جو آواز آيو ۽ پيو ڳليلو سندس پٺيان اچي ڪريو. سانول ڦاروهن جي ٻوٽن مان نڪري پيهي طرف وڌيو، پر ٿورو اڳتي وڌي بت بڻجي بيهي رهيو.

ڪارن اٺين وارن جون چڳون هوا ۾ پئي اڏاڻيون. چپاهه وٽ ٻڌل پوتيءَ ڪارڻ ڪمر وڌيڪ پتلي ٿي لڳي ۽ سينو چڙهي ساگر جي موج مثل اڳتي وڌندو ٿي آيو. هنجي جوان معصوم مهانڊي تي جهار مٿان سوڀ حاصل ڪرڻ جي خوشيءَ پئي ڪيليو. ڳليلي هلائڻ جي ڪثرت سبب ڳلن تي لالائي وري آئي هيس.

سانول اڳي ڪڏهن به حسن جي اهڙي رونق ڪانه ڏٺي هئي. هو ان حسن اڳيان بيخود بڻجي ويو. عقل، مت شرم وڃائي حسن جي ان مجسم ڏانهن ڏسندو رهيو.

”ڪير آهين؟ سانول! چا ڪپئي؟ پيهي نان حسينا سوال ڪيو.

سانول اوچتو سپني جي دنيا مان سجاڳ ٿي آٿيو. چيائين، ”ڀاڄي!“ اُن وقت هو ٻيو ڪوبه جواب سوچي نه سگهيو.

”جهوپڙيءَ ۾ وڃ، آني دلو ۽ وٽو رکيو اٿيئي.“ پر آٿيئي ان حسينا کي الاڻي ڪهڙو پور آيو چيائين، ”نرس، سان ٿي اچي ڏيانءِ.“

سگڻ جي وليل ڏوريءَ وارو ڪليل ڳچيءَ ۾ لٽڪائي، هاجره عجيب ڦڙتيءَ سان پيهي تان هيٺ آئي. هن هيئنر سانول ڏانهن سڌو نهاري هن کي پنهنجي پٺيان اچڻ جو اشارو ڏنو.

اکين جا ٻه جوڙا ڪن پل لاءِ مس مليا پر سانول انهن حسين نگاهن جو تاب سهي نه سگهيو. هن اکيون جهڪائي ڇڏيون. هاجره جهوپڙيءَ ڏانهن وڌي ۽ هو چپ چاپ هنجي پٺيان هليو.

جهوپڙيءَ وٽ پهچي هاجره اندر ڪهڙي ويئي. سانول ٻاهر ئي بيٺو رهيو. ٿوري وقت بعد هوءَ ڀاڄيءَ جو وٽو کڻي ٻاهر آئي ۽ اهو سانول ڏانهن وڌايائين. اکيون وري مليون چار ٿيون ۽ ملي جهڪي ويئون. ڀاڄيءَ جو وٽو وٺندي سانول جون اکيون جڏهن هيٺ جهڪيون تڏهن اهي هاجره جي ايڙيل چانيءَ تائين پهچي، اتي ئي اٽڪي بيهي رهيون. ڀاڄي پيئندي به هو پنهنجون نگاهون اتان هٽائي نه سگهيو. پر هاجره کي ڪابه ڪم نه رهي نه ڪو سندس جوانيءَ جو جلوو پسي بيتاب بڻجي

ويو آهي.

پر سال جي ڏي ڳالهه آهي. سانول پڻ عيدن ۾ جمن شاهه جي ميلي تي ويو هو ۽ اتي مدن فقير جي صحبت ۾ مشهور جنت بيگم جي مجري ڏسڻ لاءِ هنجي پکي ۾ به ويو. ڪرڙوڊ بيگم جو تن آڏ ننگو ۽ ڇاتي مٿي ننگي هئي تہ به سانول کي آن ننگائيءَ ڪا بہ ڪشش ڪانہ ڪئي. پر اج هاجره جو سياويڪ جو پن پسي هنجي سرڊ مان ڇڻ بجليءَ جي لهر ڊوڙي وئي ۽ هنجي سيني ۾ طوفان برپا ٿي ويو.

سانول جو ابراهيم مان ناتو بس آن ڏينهن بعد ڏي پختو ٿيو هو.

هاجره سان گڏ پيهي تي بيهي جهار هڪلڻ، پاڇي لٽڻ، هـر ڪيٽرڻ، هنجي حسن جـو جلوو پسڻ ۽ هنجي صحبت محبت جو مزو ماڻڻ....اهي سانول جون دلچسپ مشغوليون بنجي پيئون.

جهوپڙيءَ ۾ ڏيئو وسامي ويو، ڦاروهن جـي پوئن وچمان ايندڙ روشني ختم ٿي وئي. سانول جي سپنسنسار، سئين يادگيرين جي رنگين دنيا تي انڌيرو ڇانئجي ويو.

هنن کي آثاري هننجا ستا سور جاڳائڻ ٺيڪ نہ آهي...

ائين سوچي سانول پنٽي موت ڪاڏي.

نولکي واهه جي ڪپ نان لهي، اسٽيشن روڊ تي هاءِ اسڪول ڪان ٿيندو سانول ڇوڪرين جي اسڪول واري گهٽيءَ ۾ گهڙيو. اچانڪ پنيان گهوڙي گاڏيءَ جي اچڻ

ڏيندس؟ نہ نہ، اڻين مور نہ ٿيندو. هوءَ سونهن ۽ جواني جو مڪمل ميلاپ آهي. هن جهڙي نار دنيا ۾ ٿي نٿي سگهي؛ ۽ جيڪا ڪشش ۽ محبت جي گهرائي جنس مونث سان نينهن اٽڪائڻ ۾ آهي، سا ڇوڪرن سان عشق ڪرڻ ۾ ڪٿي؟ سانول جي خيالن وري پلٽو کاڌو نڌهن پـلا صوفي، ڇوڪرن سان دل ڇو ٿا لائين؟ احمد شاهہ، مدن فقير، ملو عبدالغني....

”سانول هلڪو چرڪ ڀري ويهي رهيو. ٽوپڻ ٽڪائي واري گهٽيءَ ۾ بگي ڦيرائي هليو ويو.

گاڏيءَ مان لٿل مرد ۽ عورت سامان ڪڍڻ ٿي هئا. سوال ان مرد ٿي ڪيو هو.

سانول کي سڃاڻڻ ۾ دير نہ لڳي. هو رام هو.... جيٺو ماڻ جي ماٺيلي ڌيءُ جو گهوٽ! نوجوان زال هنجي پٺني هئي، جيٺو ماڻ جي ماٺيلي ڌيءُ.... ٻيي.

هينئر ٻيءَ بہ چيو، ”پڻ کي بہ نٿو سڃاڻين ڇا؟“

سانول مرڪي چيو، ”سڃاڻان ڇو ڪين ٿو. پڻ عيدن واري گاڏيءَ مان لٿا ڇا؟“

”ها.“

سانول کين سامان ڪڍائڻ ۾ مدد ڪرڻ لڳو.

جيٺو ماڻ، رام کان پنهنجي ماٺلي ڌيءُ جا سادا ٿي سؤ روڪڙا ورتا هئا؛ تنهن کانسواءِ هو مهني سر مهني هنگي پندرهن ويهہ روپيہ موڪليندو هو. سال ڏيڍ بعد هڪ دفعو زال کي وٺي سس جي خبر چار بہ وٺڻ

جيٺوماءُ جي گهر وٽ پهچي سانول هٿ واري ڏرنڪ دڪيءَ تي رکي ۽ ڪاهي تان بسترو لاهي آن مٿان رکيائين.

سانول پوءِ اڳتي ٿي وڌيو ته رام زور ڪندي چيس، ”اندر هل نه؟ ڇا ٿو صبوح ٿيو. هلي ٿا گپ شپ هڻون. مس مس ته مليو آهين دلبر!“

سانول کي جيٺوماءُ لاءِ نفرت هئي، تنهنڪري هو آنا ڪاني ڪرڻ لڳو. هڪ طرف رانوڪي ذات ۾ ٽيل گهٽتائن هنجي دل کي ڪافي دڪي ڪيو هو، ان ڪري کي گهڙيون رام جي صحبت ۾ گهارڻ جي تمنا هن جي دل ۾ زور پڪڙي رهي هئي، ٻئي طرف جيٺوماءُ جهڙي بدنام عورت جي گهر وڃڻ هن جهڙي بيباڪ آواره کي به کٽڪڻ لڳو. ويچار آيس ته هاجره کي خبر پئجي ويئي ته هوءَ ڇا سوچيندي؟ پر رام جي لڳاتار زور پرڻ، پاڻهن کان ڇڪڻ ۽ رام جي صحبت ۽ غم مٽائڻ جي دلي تمنا هنجي سيني کٽڪن تي غالب پئجي ويئي ۽ هورام جي ڳالهه مڃي جيٺوماءُ جي گهر اندر گهڙيو.

اندر گهڙندي گهڙندي هنکي هڪ دفعو وري به ويچار آيو ته هاجره کي خبر پوندي ته هوءَ ڇا سمجهنديءَ؟ پر پوءِ دل کي اهوئي آٿت ڏنائين ته هنکي سچ سچ ٻڌائيندس ته هوءَ مونکي ڪڏهن به غلط نه سمجهندي.

( ٥ )

رام کي نئين وايومنڊل ۾ ٺهي ٺڪي ويهڻ ۾ ويرم نه لڳي. احمد شاهه جي مهربانيءَ سان هنکي ڇوڪرين جي سڪول سامهون شامونءَ جي جڳهه وارو هٽ سٽين رپئي ماهوار مسواڙ تي ملي ويو. شامون ان هٽ ۾ آڏب پال وڃهندو هو. اڳي ڪيترن ماڻهن ڪانئس اهو دڪان گهريو ۽ هن انڪار ڪيو هو، پر شاهه جو چيو موٽائڻ سندس وس کان ٻاهر هو.

رام وڏي شهر مان هوٽيل جا وڏا خيال کڻي آيو هو، جنهنڪري ڏنڌي جمائڻ ۾ هنکي دقت ڪانه ٿي. سامهون ڇوڪرين جو اسڪول هو. ساڄي پاسي کان، اسٽيشن کي ملرڪيٽ سان ڳنڍيندڙ ڳوٺ جو مکيه ۽ پڪو رستو هو. ان پڪي رستي جي پرينءَ پر هاءِ سڪول، راند جو ميدان ۽ بورڊنگ هائوس هئا. کاٻي پاسي واري گهٽي آن گهٽيءَ سان وڃي ٿي ملي، جنهن جي هڪ پاسي کان شاهي بزار ٿي شروع ٿي ۽ ٻئي پاسي ڏڪائو، مڙهي ۽ نو لکي واهه هو. واهه جي ڪناري تي ٿورو اڳيرو مست بابا جو مقام هو. هوٽيل جي پٺ کان وري ڍنگورائين جو پاڙو ۽ گرسنگت هئي. ڳوٺ ڀر ۾ هوٽل لاءِ پيو اهڙو ٺاهوڪو هنڌ ملڻ مشڪل هو، تنهنڪري ٻن ٽن هفتن اندر ئي رام جي نئين هوٽل سڄي ڳوٺ جو مرڪز بڻجي پيئي. ڪيسن، پيمن ۽

چئن جا گراهڪ ور ڪري به رام جي هوٽل تي هليا ايندا هئا. سيدن ڪان وٺي ڪير وارن ڪلهوڙن تائين، مڪيءَ جي پٺن ڪان وٺي پنجابي پنگين تائين، سڀ ڳوٺ وارا رام جا گراهڪ بڻجي پيا.

گرميون شروع ٿيون ته رام شام جو ڪلفيون، سيون ۽ آئسڪريم به ٺاهڻ شروع ڪئي. پهن آني، چئين آني ۽ آٺين آني وارا چشڪيدار پيالا. ٿان ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين کي اوڊر جي سهوليت! ڳوٺ جي شوقين قدردانن جي پيهه شام جو چئين ڪان شروع ٿيندي هئي ۽ رات جو ڏهين تائين هلندي هئي. ڪي گراهڪ ته ڪلاڪن جا ڪلاڪ هوٽل ۾ گپ شپ هڻندا هئا. رام جي چتر زباني به ان گپ شپ ۾ وڏيڪ لطف پيدا ڪندي هئي. گراهڪ خوش هوندا هئا جو سندن وقت مزي ۾ ڪٽجي ٿي ويو. رام خوش هوندو هو جو هنجي پيتي پربي ٿي رهي. پر ڳوٺ جا چار جيو اهڙا به هئا، جن کي رام جي اها تڪڙي ڪاميابي ڪٽڪڻ لڳي. ڪيسن، پيمن ۽ چئن ناراض هئا چاڪاڻ ته رام جي ڪاميابي سندن ڏنڌي کي سخت نقصان پهچايو هو. پر چوٿين هئي جيٺو ماءُ جا رام جي ڪاميابيءَ تي خوش نه هئي.

جيٺو ماءُ جي رنج جو ڪارڻ بلڪل نرالو هو. رام جي اچڻ بعد هنجي آزاد جيوت تي بندش پئجي ويئي هئي. ڏيءُ نائيءَ جي اچڻ ڪان ٿوروئي وقت اڳي

جيئو ماءُ جو رخ بدلجندو ڏسي گهنشام جيئو ماءُ سان لائون لهڻ لاءِ تيار ٿي ويو پر هيئنر هوءَ تيار نه هئي ۽ هڪ ڏينهن گهنشام جڏهن سائس ٿورو تڪو پيو ته هنکي بيعزتو ڪري، گهر مان لوڏي ڪڍيائين.

عورت جي به ڪهڙي دل آهي! هڪڙو مٿس مفتون آهي، سندس هر ادا مٿان ساهه ٿو ڇڏي. ٻيو ڪانئس سراسر بي نياز آهي، پلجي ڪري به ڏانهس نٿو ڏسي. پر هوءَ ٻهرئين کي ڇڏي ٻئي جي پٺيان ماري ماري ٿي ڦري!

جيئو ماءُ نت نئون سينگار ڪري گرمکه جي گهر وېندي هئي. گرمکه جي ماءُ پيڻ مٿانئس ڇٽرون ٻه ڪنديون هيون پر هوءَ پنهنجي ڌي ڏن ۽ مگن گرمکه جو ڏيان ڇڪائڻ جي تمنا سيني ۾ سانڍي، هنجي گهر ۾ گهڙندي هئي ۽ روز نراس ٿي واپس موٽندي هئي. پر هوءَ سٿرو هار مڃڻ واري نه هئي.

ٿورن ڏي ڏينهن بعد ...

هالاڻي دربار جو مهنت، سخت بيمار پيو. گرمکه ماءُ پنهنجي ڌيءَ کي ساڻ ڪري گروءَ جو آخري درشن ڪرڻ ويئي ۽ پٺيان پٽ جي ڪاڏي پيتي جو بار جيئو ماءُ مٿان وجهي ويئي. جيئو ماءُ جي ته گويا الله ٻڌي. هيئنر هن ٻن ڏينهن جي اندر ئي پنهنجي جوڀن؛ سندرتا ۽ ناز نخري سان حسن پرست گرمکه کي عملي هوس پرست بڻائي وڌو. گرمکه جي چوڻ تي به راتيون

”مان نوڪري ڪانه ڇڏ....“

جيٺوماءُ جملو پورو ڪري ئي ڪري ئي تنهن ڪان اڳيئي رام هن ڪي ڳل تي زور سان چماٽ وهائي ڪڍي.

”مان نٿو چاهيان ته ڳوٺ وارا مونکي بدنام سس جو نالي ڪري سڏين، يا تنهنجو چريتر منهنجي ڏنڏي جي ترقيءَ جي آڏو اچي.“

جيٺوءَ ماءُ روئڻ لڳي، رڙڻ لڳي ۽ ڏيءُ ناڻيءَ ڪي پاراتا ڏيڻ لڳي.

رام انهيءَ تي ٻي چماٽ هڻي چيس، ”اج لاءِ ايترو بس آئيشي. پر جي گهر ڪان ٻاهر نڪتينءَ ته چوٽيءَ ڪان ڏونڏاڙي اهڙي ڪار ڪندو سانءِ جو گرمڪ يا تنهنجو ٻيو ڪو يار ڇڏائي نه سگهندءِ. ٻڌءِ؟“

ڀهڙ وارو دروازو زور سان بند ڪري رام ٻاهر نڪري ويو ۽ دڪان تي پهچي، هن پنهنجي نوڪر گدوءَ هٿ گرمڪ جي گهر چوائي موڪليو ته اج ڪان وٺي جيٺوءَ ماءُ توهان وٽ ڪم ڪرڻ نه ايندي.

اها خبر ٻڌي گرمڪ جون واڀون ٻتال تي ويون. جا ڪامواسنا هنجي تن بدن ۾ آچلون ماري رهي هئي سا هنکي مدهوش بنائي جيٺوءَ ماءُ جي گهٽيءَ تائين ڇڪي آئي. هو سانول جي گهر ٻاهران لنگهي رهيو هو ته اوچتو ٺٺولي ڀريو آواز ٻڌائين، ”ديوان، ڪيڏانهن قدم رنج فرمائي رهيو آهين؟“

هن مٿي نهاريو. سانول ماڙيءَ جي دريءَ وٽ

بيهي مرڪي رهيو هو.

”اتيئي ٻـزار ۾ ڪم اٿم.“ گرمکہ ٽرڪڻ جـي ڪوشش ڪئي.

”هونءَ تہ سائنجن اندرئين ڪوه واري گهٽيءَ مان ويندا آهن.“

”ڪڏهن ڪڏهن هتان بہ لنگهندو آهيان.“

”مهيني سوا ۾، رام جي اچڻ بعد بہ؟“ سانول پڇيو.

گرمکہ کوبہ جواب نہ هو.

”ترس ديوان! منهنجو تو ۾ ڪم آهي.“

گرمکہ، پارومل ٺڪن واري جي دڪيءَ ٻاهران ٻانهون ٻڌي بيهي رهيو. دل ۾ اهوئي پئي سوچيائين تہ سانول جو مون ۾ ڪهڙو ڪم پيو هوندو.

”مان ڪيئن جيئنديس جگہ ۾

جيڏيون! پنهنجي پنهل پچاڻان.“

ٻيسري آواز ۾ ڳائيندو، سانول گرمکہ ڏانهن وڌيو.

”ڪهڙو ڪم اٿيئي؟“ گرمکہ چاڻڻ لاءِ آتاولو ٿي رهيو هو.

سانول وراڻيو ”ٻزار ڏي تـو هلين نہ؟ مان بہ اوڏانهن ٿو هلان. هل وات تي ٿو ٻڌايانءِ؟“ ٻئي ڇڙا ٻزار ڏي وڌيا.

”ديوان!“ سانول آلبتہ رڪائيءَ سان چيو، ”پنهنجي ڳوٺ ۾ شرافت سان هلڻ کپي. ٻيسن جـو ٻانور بہ ڪنهن حد تائين ٿو ٺهي. حد ٽپڻ تي ڪڏهن ڪڏهن

پڇتائڻو پوندو آهي."

گرمکہ پنهنجي نڙي صاف ڪرڻ لاءِ ٿورو کنگهيو. پوءِ چيائين، "پر ٻہ مون ڪيو ڇا آهي؟"

"مون ائين ڪٿي چيو تہ تو ڪجهہ ڪيو آهي. پر جيڪي مان چوان ٿو سو بہ غلط نہ آهي. دنيا ترڪڻي آهي، ديوان! ذرا سنڀالي قدم کڻڻ کپي."

بزار جي منهن وٽ ڪرمون سوناري جي هٽ ڀاهران پٽي راند چالو هئي؛ سانول اُتي ويهي ويو. گرمکہ کي چيائين، "بس، منهنجو تو هِي اهوئي ڪم هو."

گرمکہ گهڙي اڌ اُتي ترسيو ۽ پوءِ بنا ڪجهہ ڪڇڻ جي بزار وٽي هلندو هليو. سانول جي انهيءَ اَڀديش جو هنتي اهو اثر پيو جو هو وري جيٺو ماءُ وٽ وڃڻ جي همت ساري نہ سگهيو. انهيءَ ڳالهہ کي ٻہ چار ڏينهن ئي ڪونہ گذريا جو رام جي هوٽل تي خانڻ ڀريءَ سڀا ۾ ٻڌايو تہ "گرمکہ اڄ ڪلهہ روز منجهند ڪانپوءِ، جيوڻي ماچياڻيءَ جي گهر ويندو آهي ۽ ڪلاڪن جا ڪلاڪ اُتي پيو هوندو آهي."

"جيوڻي بہ پڪل انب بڻجي ويئي آهي." بولي حلوائي اکيون مٽڪائي چيو. "ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي دل بہ ٿيندي آهي تہ رسيل ميوي جو مزو ماڻجي."

"اهي عيش پئسي وارن جي قسمت ۾ ئي آهن يار!" رام گراهڪ لاءِ شربت ۾ سوڊا ملائيندي چيو.

"ٺيڪ آهي يار؛ گهٽ ۾ گهٽ تون تہ بدناميءَ

جي ٿڪي ڪان بچي وئين!" شامونءَ چيو.
رام اُنجو ڪو به جواب ڏيئي نہ سگهيو. هو چپ چاپ ڪنڌ جهڪائي پنهنجو ڪم ڪندو رهيو.

( ٦ )

ڪندن احمد شاهہ ڪي سانول سان رستو نہ رکڻ جو واعدو نہ ڏيئي ويئو، مگر سندس زندگيءَ ۾ چڻ هڪ خال پيدا ٿي ويو. پرين ٻن سالن ڪان هنجو سانول سان رستو هو ۽ ڏينهن جو وڏو حصو هنجي صحبت ۾ گذاريندو هو. هنجي صحبت ۾ وقت ڪهڙو نہ سولو ۽ سکيو ڪٽجي ويندو هو!
زيورن چورائڻ جي ٻئي ڏينهن تي شام جو ڪندن احمد شاهہ سان گڏ ڪيسن جي دڪان تي ويٺو هو تہ سانول بہ پنهنجي نئين دوست رام کي وٺي اُتي آيو. ڪندن جي ڏيدي دل ٿي تہ سانول سان چپ چوريان، مگر احمد شاهہ جي موجودگيءَ ۾ هو ائين ڪري نہ سگهيو ۽ رکو منهن ڪڍي خاموش ويٺو رهيو. سانول دڪان تي اچڻ شرط ڪيس چيو، "سؤٽ، ڪهڙو حال آهي؟"
ڪندن اُنجو ڪو بہ جواب نہ ڏيئي صرف مرڪڻ جي ڪوشش ڪئي. سانول جهڙي افلاطون لاءِ ڪندن

جي دل جو ڀاڱو ڀاڱو ڀاڃڻ ڏ کيو نہ هو. هن ڪنهن سان وڌيڪ ڳالهائڻ جي ڪوشش نہ ڪئي.

انهيءَ بعد سانول جڏهن بہ واٽ ويندي ڪنهن سان گڏبو هو تہ اهوئي سوال دهرائيندو هو، ”سُوٽ، ڪهڙو حال آهي؟“ ڪنهن اڪثر اُنجو جواب صرف مرڪڻ سان ڏي ڏيندو هو يا ڪڏهن ڪڏهن ڪنڌ ڪنهن ڪنهن بہ ڏي چوندو هو، ”ٺيڪ آهي.“

ٻن سوٽن، مختلف ماحولن ۾ پليل انهن ٻن نينگرن جون زندگيون ريل جي مختلف رستن تان هلنديون هڪ جنڪشن تي اچي گڏيون. ٻن ٽن اسٽيشنن تائين ٻئي گڏ هليون ۽ پوءِ وري عمر ڀر نہ گڏجڻ لاءِ، الڳ الڳ ٿي ويئون!

سانول کي ڪنهن جي جدائيءَ کي سهسائڻ ۾ گهڻي دير نہ لڳي. هنکي پنهنجي آوارا پڻي جون مشغوليون اڪيڻي گهڻيون هيون. ويتر جو رام اچي ويو تہ هٽ جي دڪان جي ڳولها ۾ ڪيس بہ مشغول رهڻو پوندو هو. رام جي هوٽل شروع ٿيڻ بعد سانول پنهنجي واندڪائي جي گهڙيڻ ڪاٽڻ لاءِ آهه آڏو ٻڌائي ڇڏي. پر سانول کان الڳ ٿيڻ بعد ڪنهن لاءِ وقت ڪاٽڻ جيوت جو وڏي ۾ وڏو ۽ ڏکئي ۾ ڏکيو مسئلو ٻڌجي پيو. اسڪول جي ڇٽڻ ڪلاڪن بعد هنجو وقت وڏي پوندو هو. ٻہ چار ڏينهن پيءُ جي دڪان تي وڃي ويٺو، پر آني هنکي دل بهلائڻ لاءِ ڪجهہ ڪين مليو. پٽس سچو

ڏينهن دولت وڌائڻ جي فڪر ۾ رهندو هو. دڪان تي رکيل وکرن جي وکري ۾ پئس جي خير کا دلچسپي رهندي هئي. آهو ڪم مينگهو ڪندو هو. پئس نه بس وياج وٺي ۽ گروي جي چڪر ۾ قائل هوندو هو؛ غريب محتاج هندن مسلمانن جي سڪي پاڪيءَ سان ڏاڙهي ڪوڙڻ ۾ مشغول رهندو هو. اها روئداد ڏسندي ڪندن کي هميشه سانول جا لفظ ياد اچي ويندا هئا

هڪ دفعي ڪندن اوطاق ۾ ويهي اسڪول جا حساب پئي ڪيا ۽ سانول پرسان ئي ويٺو هو. ڪندن حساب ڪندي سانول کان پڇيو، ”پنج پنجان؟“

سانول چيو، ”پنجونجاه.“

ڪندن ٺهڪ ڏنو، ”اهو ڪوڙو به ٿئو اچيئي؟“

”مونکي اچي ٿو، ڪاڪي کي نه ايندو آهي!“

”يعني؟“ ڪندن عجب وچان پڇيو.

”ڪاڪي جي جدول نرالي آهي. پنج پنجا پنجونجاه پنج ڇڏيا مانءِ باقي ٿيا سٺ. پنج پئهن جي خرچي سي ٿيا معافي پنجهٺ. تو ماڻجي ٽجوڙي اجها ائين پر جندي ٿي رهي.“

دڪان تي وهندي ڪندن کي ڪڏهن پيءُ جي اِن جدول پڙهڻ جو موقعو ته نه مليو پر اها سمڪ ضرور پيس ته سانول سراسر غلط نه هو. اهوئي سبب هو جو هو دڪان تي پنهنجي دلچسپي برقرار رکي نه سگهيو هو.

ڪندن نيٺ احمد شاهه سان وقت وڌي پوڻ جي شڪايت ڪئي. احمد شاهه سندس هٿ کي پنهنجي هٿ سان پيار پريو زور ڏيئي چيو، ”ڳوٺ ۾ وقت ڪاٽڻ جو واحد ذريعو ساٿول جي صحبت نه آهي، ٻيا به گهڻا طريقا آهن. پنچاتي هال ۾ اخبارون ايندڙيون آهن. مهراج شنڪر وٽ ڪتابن جي لئبرري آهي. ڪتابن جي صحبت ڪنهن به ساٿي سنگت کان گهٽ نه آهي. تنهن کانسواءِ شام جو اسڪول جي ميدان ۾ راندڙيون ٿينديون آهن. ڪڏهن ڪڏهن ٻوهوءَ جي باغ ۾ صوفي سماگم ٿيندو آهي. ٻنسري ته آني روز رات جو وڄندي آهي. جيڪڏهن ساٿول کان جند ڇڏائي به تون وقت ڪاٽڻ ٿو چاهين ته اَنلاءِ گهڻيئي رستا آهن. باقي ساٿول جي صحبت ڇڏڻ ني تنهنجي دل نه ٿيندي هجي ته اها ٻي ڳالهه آهي.“

شاهه جو طعنو ڪندن جي دل ۾ چڀي ويو.

ٻئي ڏينهن هو اسڪول مان موٽي، ماني کائي، سڌو پنچاتي هال ۾ ويو. اخبارون اُٿلائيندي، خبرن جون سرخيون ڏسندي، خونن ڌاڙن جون خبرون پڙهندي اڌ ڪلاڪ ڪٽجي ويس. گهر موٽندي شنڪر مهراج جي گهر به ويو.

”ڪتابن پڙهڻ جو شوق اوچتو ڪئن جاڳيو اٿيئي؟“ مهراج پڇيو.

”وقت ڪاٽڻ لاءِ ڪتابن پڙهڻ جو ڏس مليو اٿم.“

”ڪتابن جي چڪر ۾ نه ڦاس.“ مهراج ٺهڪ ڏيئي

چيو. "قاتين نہ ننڊ آرام حرام ٿي ويندء، ڪـاڏو پيتو وسري ويندء."

"مهراج، اهاڻي ڪالهہ نہ ڪيم."

"ڪهڙو ڪتاب ڪيئي، سماجڪ يا جاسوسي؟"

"جيڪو ننڊ آرام حرام ڪري ڇڏي، ڪاڏي پيتي جي ياد وساري ڇڏي."

مهراج هنـڪي جاسوسي ڪتاب "دغاباز دولتمند" آڻي ڏنو.

ٿورن ئي ڏينهن ۾ ڪندن جـو وقت ڪٽڻ ويو. جاسوسي ڪتاب پڙهندي وقت جنسي آڏامندو ويندو هو. وچ ۾ ڪير ڪجهہ چوندو هوس نہ بيخيالو جواب ڏيندو هو. خود احمد شاهہ جو ماڻهو ايندو هوس نہ نٽائڻ جي ڪوشش ڪندو هو. ٻـن مهنن جي اندر اندر هـن شنڪر مهراج جي لئبرري جا سمورا جاسوسي ۽ عياريءَ سان ڀريل ڪتاب پڙهي پورا ڪيا. ڪتابن پڙهڻ جـي چهس ٻہ عجيب چوس آهي. عياري ۽ جاسوسي ڪتاب پڙهڻ بعد هو سماجڪ ڪتابن کي لڳو. شنڪر وٽان نہ ڪتاب آڻيندو هو، پر خبر پوندي رام وٽان بہ ڪتاب آڻڻ لڳو. جيٺوماءُ خلاف جا نفرت هيس سا بہ ڪتابن صدقي هنڪي رام جي گهر وڃڻ کان روڪي نہ سگهي. رام جي پرپٺ ٻيءَ کان نہ ڇا خود جيٺو ماءُ کـان ڪتاب وٺي ايندو هو.

اخبار پڙهڻ هينئر ڪندن جو نيم بڻجي پيو. سڪول

چڱي خاصي پڪسري حويلي ٻڌجي پيئي. هيئنر گرمڪ ماڙيءَ مٿان ماڙي جوڙائي ها نڏهن به هنجون نگاهون ناظران ۽ نسيما تائين پهچي نه سگهن ها. آئن ڏهن مهنن ۾ ئي عابد خان جي قسمت کي چار چنڊ لڳي ويا. بازار ۾ هڪڙي وڏو دڪان هو، بچل ماڇيءَ سان سڙن جي ڪوڙي ۾ ڀاڱيداري هيس. ڳوٺ ۾ آسپاس جي مسلمانن ۾ به چڱي هلندي پڄندي هيس. ڪنڊن اما حقيقت به پروڙي ته سندس پيءُ جا قرضي، مسلمان، جي اڳي مسڪين ٻڌجي ايندا هئا سي هيئنر پڙس سان کهرؤ پون لڳا ۽ ڪي ته سندن دڪان تان ڇڄي عابد خان وٽ هليا ويندا هئا. احمد شاهه جي رعب ۾ ظاهري ته فرق نه پيو هو پر اندران ئي اندران آنکي به گهٽو لڳي رهيو هو ۽ نوٽيفائيڊ ايريا ڪاميٽي جي چونڊن وقت آن گهٽي ظاهران ظهور شاهه جي ڪارپٽ کي چڪ پاتو. پنجن ميمبرن مان چار هندو هئا ۽ هڪ مسلمان. اڳئين دفعي احمد شاهه بنا مخالفت چونڊيو هو. هن دفعي عابد خان به ناميئيشن پڙي آيو.

انهيءَ تي نه صرف ڳوٺ ۾ پر سڄي تعلقي ۾ چوٻولو مچي ويو. نوابشاه ته شير جيان گجي آئيو، ”پوئيڊاڻي جي اما مجال! هڪ رات ۾ ئي هنجو دڪان ۽ حويلي ڀسم نه ڪرايان ته منهنجو نالو نوابشاه نه آهي!“

هن عابد خان کي پاڙ ت گهرائي ڏڪايو ۽

نامينيشن واپس وٺڻ لاءِ چيو.

عابد خان ظاهري نئڙت سان چيو، ”قبلا، اوهان جو حڪم برچشم پر....“

”پر ڇا؟“ نوابشاهه اڪيون ڦوٽاري پڇيو.

”اسلام خطري ۾ آهي، اڳيان چئن واٽين سان منهن ڏيڻو آهي؛ ڪنهن برجستي مسلمان جي ضرورت آهي.“

”ته ڇا توهان احمد شاهه کي ڦلهڙو مسلمان ٿا سمجهين؟ ڇا اسان ۾ نبيءَ جو خون نه آهي؟“ نوابشاهه پنهنجي ڪاوڙ کي ضابطي هيٺ رکڻ ۾ ڏکيائي محسوس ڪري رهيو هو.

”قبلا، مان آن کان انڪاري نه آهيان؛ پر سيد سائين کي قدر هندن ڏانهن مائل آهي. هندو ڇوڪرن سان ... ....“

”تنهنجي ايڏي مجال ٿي آهي ڪميڻا!“ نوابشاهه هينئر سچ پچ آپي کان نڪري ويو. ”راتوڪي رات ۾ تنهنجي دڪان ۽ حويليءَ کي چوچڙي نه ڏياريم ته منهنجو نالو نوابشاهه نه آهي.“ نوابشاهه جي اکين مان آڳ جا اُلا ٿي نڪتا.

پر عابد خان وري به ڪنڌ جهڪائي چيو، قبلا! اسلام جي خدمت ڪندي مونکي جيڪا قربـاني ڏيڻي پيئي سا خوشيءَ سان ڏيندس. وقت ڪافرن سان دوستي نباهڻ جو نه، ملت جي خدمت جو آهي. سنڌ اسيمبليءَ ۾ اڪثريت اسانجي آهي ۽ پوءِ به چند هندو اسانکي

پاڻ ۾ ويڙهاڙي پنهنجي من ماني ڪري رهيا آهن. سڀ منسٽريون سندن اشارن تي هلي، مسلمانن جا جائز حق پائمال ڪري رهيون آهن. ڇا توهانکي خبر نه آهي ته منزل گاهه واري معاملي جو ڇا ٿيو؟"

"پر هتي ته صرف ڪوٽ جو معاملو آهي، ميان!" نوابشاهه هينئر ڪجهه تتو ٿي چيو.

"مان ڪافرن کي سندن ئي شطرنج تي، ڪين ئي شهه ڏيڻ ٿو چاهيان. اڪيلو هوندي به واڻين کي پاڻ ۾ وڙهائيندو رهندس؛ مارڪيٽ پرسان سڪل تلاءُ ۽ عيدگاهه جوڙائيندس، مارڪيٽ جو ٺيڪو مسلمانن کي ڏياريندس، ميوي جي پڙين مان ڪجهه پڙيون مسلمانن کي ڏياريندس. سائين احمد شاهه ائين ڪندو؟ اوهان اهڙي خاطري ڏيو ته مان سڀاڻي ئي نو شهري وچي پنهنجو نامينيشن واپس وٺي اچان."

"اهي ڳالهيون پوءِ جون آهن. ڦهرين سعدات جي وقار جو سوال آهي."

"انهن سوالن کي اهڙي تنگ نظريه کان ڏسڻ ملت جي دشمنن جي هٿن ۾ کيڏڻ آهي."

"ته چئبو، تون نامينيشن واپس نه وٺندين؟" نوابشاهه وري چڙ مان پڇيو.

"خاطرين ڪانسواءِ ڪنهن به صورت ۾ نه." عابدخان هينئر بلڪل محڪم ارادي سان وراڻيو. "اسان سالن کان واڻين جي ظلم هيٺان پيڙبا رهيا آهيون. هاڻ اسان

مسلم ليگ جي جهنڊي هيٺ پنهنجي ملت جي بهتريءَ
لاءِ يڪمشت ٿيا آهيون. مان مسلم ليگ جو نمائندو
آهيان؛ اُنجي منظوريءَ کانسواءِ مان هٿ ڪٽي نٿو سگهان
جيڪي خاطريون مان شاهه سائينءَ کان گهران ٿو
تن جي عدم موجودگيءَ ۾ مسلم ليگ مونکي ناميئيشن
واپس وٺڻ جي اجازت مور نه ڏيندي."

"مسلم ليگ!" نوابشاهه تعجب وچان چيو. "ڳوٺ
۾ مسلم ليگ ڪڏهن کان وجود ۾ آئي آهي؟ اُنجو
پريزيڊنٽ ڪير آهي؟"

"هيءُ بندو." عابد خان ڇاتيءَ تي هٿ رکي چيو
"جڏهن دين دنيا جا والي پنهنجي ملت جي فرض کان
غافل ٿا رهن تڏهن رب العالمين سهي نٿو سگهي. هو
ڪن مومن جي گهٽ ۾ اچي ٿو وهي. ڳوٺ ۾ گذريل
ڇهن مهنن کان مسلم ليگ وجود ۾ آهي ۽ سائينجن کي
ڪا خبر ڪانهي!" عابد خان جي پوئين جملي ۾ ٺٺولي
ڀريل هئي.

نوابشاهه عابد خان جي سوال جو هڪدم جواب
ڏيئي نه سگهيو. هو اونهي سوچ ويچار ۾ پئجي ويو.
عابد خان وري چيو، "ڇهن مهنن کان مجاهد نيشنل
گارڊ صبوح جو مارڪيٽ واري ميدان تلاءُ ۾ قواعد
ڪندا آهن، ڇا سائينجن کي اها به سڌ ڪانهي؟ سائينجن
کي سارو ڏينهن مست بابا جي مقام ۾ بندگي ڪرڻ مان
فرصت ئي ڪٿي ٿي ملي؟"

نوابشاهه اچا به خاموش رهيو. عابد خان ڳالهه کي اڳتي هلائيندي چيو، ”جيئندا قبلا، قائد اعظم جي نقش قدمن تي هلي، احمد شاهه ڳوٺ جي مومنن جي رهبري ڪري ته هيءُ ٻندو پنهنجي سائين سان مرد مجاهد جي اڳواڻي قبول ڪندو. تو هين ٻلي سوچ ويچار ڪريو. پرڀهڻ شام تائين ناميني‍شن واپس وٺي سگهجن ٿا. پوءِ مونکي ڏوهه نه ڏجو ته مون مسلمانن کي ورغلايو آهي.“

نوابشاهه اچا به ڪو جواب نه ڏنو.

عابد خان آئي شاهه کي پيرين پيو ۽ ويندي ويندي چيائين، ”قبلا! تواريخ اوهانجي نسل کي مومنن جي رهبري ڪرڻ جو سونو وجهه ڏنو آهي. هينئر اوهانکي فيصلو ڪرڻو آهي ته اوهان پرين جي سيدن جيان مسلمانن جي واحد جماعت مسلم ليگ سان سات ڏيندا يا ڏيري جي سيد جيان واڻين جي شطرنج ۾ پيادا ٿي ڪتب ايندا.“

اَن ساڳئي ڏينهن سنجها ٽاڻي پرين جو سيد نورشاهه ڳوٺ ۾ وارد ٿيو. هن نوابشاهه، احمد شاهه ۽ عابد خان سان ڳالهيون ڪيون. مسلمانن جي يڪوجودگي برقرار رکڻ لاءِ عابد خان ناميني‍شن واپس وٺڻ قبوليو. معدات جي وقار رهڻجي اچڻ تي احمد شاهه مسلم ليگ ۾ داخل نه ٿيندي به اُنجي حمايت ڪرڻ جو واعدو ڪيو.

نوابشاهه تنهن پاڻ پاران اخلاقي ضامن پئو.

احمد شاهه ۽ عابد خان سرچي ويا .... ۽ ڪوٽ جي سانتيڪي ڪبوتر خاني ۾ جهيڙا ڳـوڙ باز مچندو ويـو، طاقتور ٿيندو ويو.

(٧)

اڳين سالن جيان هن سال به ڏياريءَ جــي ڏينهن ۾ لال خان جي گريٽ انڊين ٿئيٽريڪل ڪمپني ڪوٽ جي مارڪيٽ واري سڪل تلاءَ ۾ پنهنجا شاهيانا اچي هنيا. لال خان جي اهــا ٿئيٽريڪل ڪمپني ڪـوٽ ۾ ڪافي پياري هئي. پـــ مهنا ڪوٽ ۾ چهل پهل متي رهندي هئي. سئنيمائن ناٽڪن جــي شوقينن لاءِ "ليليٰ مجنون"، "هير رانجهو"، شيرين فرهاد"، "ڪرشن سداما" ۽ "راجا گوپيچند" ناٽڪ وندر جـو سٺو ذريعو رهندا هئا. جوئاري پاڻ لاءِ ٿئيٽريڪل ڪمپنيءَ ســان لاڳو ڪارنيوال قسمت آزمائي جـو بهترين ذريعو هوندو هو. احمد شاهه کي نـــ صرف پنهنجي لاءِ پاس هوندي هئي بلڪ هنکي اهو اختيار به هوندو هو تہ جيترن کي چاهي، مفت ناٽڪ ڏسڻ لاءِ اندر ڇڏي. انهيءَ ڪري ڪندن روز نہ، تہ هڪ نہ ٻئي ڏينهن ناٽڪ ڏسڻ ويندو هو.

"ليليٰ مجنون" ۽ "شيرين فرهاد" بعد "ڪرشن سداما"

ناٽڪ جو اعلان ڪيو ويو. اُن ڏينهن ڪندن پنهنجات هال مان ”هندستان“ اخبار پڙهي، عابد خان جي دڪان تي ”الوحيد“ پڙهڻ ٿي ويو ته بزار جي چوسول وٽ ڪيمي دال واري ڪان اوپاريل پٺاڻن جو پن وٺي ڪائڻ لڳو. اچانڪ هنجي نگاهه سامهون پٽ تي چنبڙايل پني تي پيئي. مٿان وڏن اکرن ۾ لکيل هو

”هندو ڌرم خطري ۾ـ هندو ويرو سجاڳ ٿيو!“

هيٺان لکيل هو....

لال خان مسلمان اچ ”ڪرشن سداما“ ناٽڪ ۾ ڪرشن جو پارٽ ادا ڪري رهيو آهي. اهو اسانجي اوتار جي بيعزتي آهي. اسان هندن کي اِن ناٽڪ جو بهشڪار ڪرڻ کپي. تنهن ڪانسواءِ پوليس صوبيدار ۽ نوٽيفائيڊ ايريا ڪاميٽي تي زور آڻڻ کپي ته لال خان کي ”ڪرشن سداما“ ناٽڪ ڪرڻ کان منع ڪئي وڃي. اُن ڏس ۾ عملي قدم کڻڻ لاءِ پنجين بجي مهراج شنڪرداس جي اوطاق تي عام ميڙ ڪوٺايو ويو آهي. اُن ميڙ ۾ ڳوٺ جي سڀني هندن کي شريڪ ٿي پنهنجي زندهدليءَ جو ثبوت پيش ڪرڻ کپي.

گرمک ايسرداس ڊنگوراڻي
منتري ـ هندو سنگهٽن دل

پٺاڻا ڪائيندي ڪندن جا ڏند ڇپن سان لڳي ويا. ڪجا گرمک ڊنگوراڻي، ڪجا هندو سنگهٽن! گرمک ۽

شنڪر جو سنگهٺن! نوٽيفائيڊ ايريا ڪاميٽي جي چونڊن مسلمانن جي جڳهه لاءِ پردي پٺيان جيڪي ٿيو هو سو ڳوٺ جي ڪنهن باشندي کان ڳجهو نه هو. هندن ۾ پڻ ڪنهن حد تائين ناءُ جاڳيو هو. اِن جو وجهه وٺي مهراج شنڪر ۽ گرمکهه، هندو ڌرم جي خطري جو پوٽ بجي هندو سنگهٺن دل جي نالي ۾ ووٽ ورتا هئا ۽ ڳوٺ جي پڻ بزرگن ڊاڪٽر مينگهراج ۽ سيٺ دولترام کي شڪست ڏني هئي. اڳئين دفعي هندن پنهنجي فراخدليءَ جو ثبوت ڏيئي احمد شاهه کي چيئرمن چونڊيو هو. هينئر عابد خان جي تند مزاجي ۽ ڪٽرپڻي گرمکهه کي چيئرمن ۽ مهراج شنڪر کي وائيس چيئرمن بڻايو هو. خود هندن جي پنچاتن ۾ ڏڦير وجهي، ڪندن جي پيءُ کي مکيپڻي تان ٿڏڻ جون سازشون سٽجي رهيون هيون.

”آخر هنن ماڻهن جو مطلب ڇا آهي؟“ ڪندن جي دماغ ۾ سوال آئيو. مطلب صاف آهي........ جواب ڪندن جي دماغ مان ئي آيو ... عابد خان ۽ بچل هڪ طرف اسلام کي خطري جو نعرو بلند ڪري غريب ۽ اپوجهه مسلمانن کي برغلائي پنهنجي ذاتي فائدي لاءِ ميدان صاف پيا ڪن. گرمکهه ۽ شنڪر ٻئي طرف هندو ڌرم جي خطري جو پوٽ بجي اڳواڻيءَ جي ڏاڪڻ چڙهندا ٿا وڃن. نتيجو اهو پيو نڪري جو ڳوٺ جي هندن مسلمانن وچ ويڇو وڌندو ٿو وڃي. ديوار وڌيڪ

ڪشادي ۾ اوچي ٿيندي ٿي وڃي. لال خـان ڪيترن سالن کان ”ڪرشن سدَاما“ ناٽڪ ۾ ڪرشن جو پارٽ ادا ڪندو آيو آهي. اڳ ۾ ته ڪنهن کي هندو ڌرم جي بي حرمتيءَ جو ويچار نه آيو، بهشڪار جـو خيال نه آيـو. گر ـڪـه اڄا رات ڌ ـي نئين ناٽڪا شمشاد بيگم پٺيان ماريو ماريو پئي ڦريو.

ڪندن اکيتي وڏي ڪڙيـون مٿي ڪري پٽ تـي چنبڙايل پنو ڦاڙي ڇڏيو. ڪندن دل ئي دل ۾ اهـو ٿي سوچيو ته لال خان جي ڪرشن جي پارٽ ادا ڪرڻ تي ڪرشن کي ڪهڙي چوٽ رسندي؟ هندو ڌرم جي ڪهڙي بي حرمتي ٿيندي؟ ڇا ايشور ۽ ڌرم اِنسان کي برادري ڀاؤ، پريم ۽ ايڪتا جو پيغام نٿا ڏين؟ ته آنهنجي نالي ۾ اِنسان کی اِنسان کان، ڀاءُ کي ڀاءُ کان الڳ ڇو ٿو ڪيو وڃي؟ بدظن ڇو ٿو ڪيو وڃي؟

ڪندن اڄا عابد خان جي دڪان تائين ڪونه پهتو هو جو پٺيان سڏ ٿيس، ”ڪندن!“

هن پٺيان ڪنڌ ورائي ڏٺو ته شنڪر پئي آيو.

شنڪر ويجهو اچي چيو، ”ڇوسول وارو پنو تو لاٿو؟“

”ها.“

”ڇو؟“

”ائين ئي!“

”ائين ئي؟ ڇا اسان آهو اِن لاءِ چنبڙايو هو ته تون ڦاڙي ڇڏين؟ توکي جيڪڏهن پنهنجي ڌرم جو اونو نه

آهي ته پل مسلمانن سان ڪائيندو پيئندو رهم. ھنن کان ڪِٿا پِتارائيندو....

”مهراج سنڀالي ڳالهاء نه ته....“

”مکيءَ جو پٽ آهين ته پاڻ تائين آهين. شاهہ جو دادلو آهين ته پاڻ تائين آهين؛ پر ڌرم ۽ هندو سنگهٽن جي ڪاريہ ۾ دخل نہ ڏي. نه ته تنهنجي لاءِ اها ڳالهہ سٺي نہ ٿيندي!“ ماڻهن جو چڱو ميڙاڪو مڙي ويو.

ڏيپچند ڍڪ منشيءَ پڇيو، ”مهراج ڳالهہ ڇا آهي؟“

”لال خان ’ڪرشن سدامي‘ ناٽڪ ۾ ڪرشن جو پارٽ ادا ڪري رهيو آهي..“

هاء رام!“ خوشيرام حلوائيءَ چيو. ”مسلمان ۽ هندو اوتار جو پارٽ!“

ميڙاڪي ۾ سانول به اچي شامل ٿيو. هينئر هن اڳتي وڌي چيو، ”لال خان جي ڪرشن جي پارٽ ادا ڪرڻ سان ڇا ٿيندو؟“

”تون به نه سڀني جو چاڙهو آهين نہ؟“ مهراج چيو.

”توکي جٺي چوڻيءَ جي لاج جي ڪهڙي سد!“

”ها، هن صوفي لاکوفيءَ کي پنگ پيڻ ۽ جوئا ڪرڻ ڪانسواءِ ٻي ڪهڙي خبر آهي!“ نورڻي مل پنهنجي دڪان تان ڍڪ آڇليو.

”پر مان تو پڇان، هڪ مسلمان جي ڪرشن جو پارٽ ڪيو ته اُن ۾ ڪهڙي اربع خطا آهي؟“ سانول دردي نوع ۾ پنهنجو سوال دهرايو.

”بس اسين ٿا چاهيون ته ڪو به مسلمان اسانجي اونار جو نقل ڪري.“ مهراج چيو.

”واه جو جواب آهي!“ سانول ڪلي چيو. ”توهان ڇا ٿا چاهيون؟ توهين چاهيو ٿا ته ڳوٺ جي سڪمشانتيءَ ۾ آگ لڳي وڃي؟“

”اها باه ته عابد خان وچڙائي آهي.“ خوشيرام چيو.

”۽ اوهان اُن ۾ ڪيه ٿا وجهو، ائين نه؟“ سانول ٺهڪ ڏنو.

”پنهنجي ڌرم جي عزت بچائڻ ڪي جيڪڏهن توهان آگه ۾ ڪيه وجهڻ ٿو سمجهين ته ڀلي سمجهه. توهان جهڙن جتچندن ڏي ته ڌرم جي اها درگتي آندي آهي. پر هندو وير سجاڳ ٿي رهيا آهن...“

ڪندن شنڪر جو وڏيڪ اُپديش نه ٻڌي، ترڪي ويو.

شام جو سڪل نلاءَ تي رام جي هوٽل واري تنبوءَ ۾ پهچي هن ڏٺو ته ”ڪرشن سڏاما“ ناٽڪ بجاءِ ”ليليٰ مجنون“ جو بورڊ هنيو ويو آهي. رام ڪان پڇڻ تي معلوم ٿيس، ته جڏهن سانول احمد شاهه کي بزار ۾ ٿيل واقعي جو احوال ٻڌايو ته هن هڪدم لال خان کي ڀاڙوٺ ڪهرائي سمجهايو ۽ ”شنڪر سڏاما“ ناٽڪ رد ڪرڻ لاءِ مڃايو.

دل جي ڀاؤ ڪي دل اندر دٻائي ڪندن مرڪي چيو: ”ٺيڪ آهي. اڄ رات وري هڪ دفعو لال خان

جي بهترين دلسوز گاني ۾ ٽڻ جو وجهه ملندو ليلي ليلي ليلي
پڪارون ميِن بن ۾، ليلي وسي موري من ۾! .... چـا
غضبناڪ درد آهي لال خان جي سريلي گلي ۾!"

احمد شاهه سان گڏ ڪندن رات جو جڏهين "ليلي
مجنون" ناٽڪ ڏسڻ ويو تہ ڪارنيوال واري حصي ۾
هنڪي سانول ڏسڻ ۾ آيو. ڪنهن واريءَ سٽيءَ سان، هو
سامهون ڪتل بورڊ تي نشان چٽي رهيو هـو ۽ بيسري
آواز ۾ ڳائي رهيو هو:

ڪفر ۽ اسلام ۾ ٿا پرين آبتا پير....

(٨)

لال خان ڪي سچي سنڌ ۾ هيءُ ڳوٺ وڏيڪ پسند
هوندو هو، انهي ڪري ڏي آني ۾ــ مهنا داڀو ڪندو
هو. هن ڳوٺ جي سانتيڪي، برادري ڀاؤ واري صوفياني
فضا ۾، دل وارن ماڻهن وچ ۾ رهندي، هو ائين محسوس
ڪندو هو تہ پنهنجي ڳوٺ ۾، پنهنجن ماڻهن ۾ آيـو
آهيان. ڪنهن کي بہ سندس لاء شڪايت نہ هئي ۽ نہ
وري ڪيس ڏي ڪنهن لاء شڪايت نہ هئي. ڪارنيوال ۾
جوئارين ۽ هنجي ماڻهن وچ ۾ غلط فهميون آئنديون ڏـي

هيون، پر هو روبرو اچي ڪجهه حرفت، ڪجهه چرچي سان ٻنهي ڌرين کي سرچائي ڇڏيندو هو. جوڳاري ڀائر اڪثر ڪري چوندا هئا، ”ظالم ڳلو ته ڪپي ته به ڪلندي ڪلندي. اڙي يار! هنجي دلسوز سريلي آواز مٿان ته لک گهوري ڇڏجن.“

جڏهن احمد شاهه هنکي گهرائي ٻڌايو ته هندن کي تنهنجي ڪرشن جي پارٽ ادا ڪرڻ تي اعتراض آهي، تڏهن هنجا جنسي طاق لڳي ويا.

”نه قرقبپرستيءَ جو ڀوت هت به اچي رسيو، قبلا!“ هن دلسوز آواز ۾ چيو.

”خود مطلبي ماڻهو هت به آهن، لال خان!“ شاهه به ڏکويل آواز ۾ چيو.

”پر قبلا! هيءَ ته صوفين جو ڳوٺ آهي. هتان جا ماڻهو مندر مسجد جي جهڳڙي کان بالا تر آهن. مون پنهنجن اکين سان هندن مسلمانن کي گڏجي ڇيٽي چنڊ جي ڀرائي اکيان ڇيج هٿندو ڏٺو آهي، صوفي سماڪمن ۾ راڳ ڳائيندو ٻڌو آهي. ايڪتا ته هن ڳوٺ جي شاندار روايت آهي.“

”آهي نه، هئي.“ احمد شاهه پريل ڳلي سان چيو. ”اهو زمانو خواب ٿي ويو. ڪير چئي سگهي ٿو ته اهو وري واپس ايندو يا نه؟ مونکي خبر آهي ته تون ڳوٺ جو گهڻگهرو آهين؛ تون ناٽڪ بدلائي ڇڏ. هيءَ حالت ۾ ڳوٺ ۾ ترشي وڌي ويندي، ايڪتا جا رهيا کهيا

آهيان ٻه متيءَ ۾ ملي ويندا."

رام رحيم ۽ ڪرشن ڪريم جي فرق کان رهت لال خان جي دلي جذبات کي سخت چوٽ رسي، پر هو سچو فنڪار هو. دل جي درد کي دل اندر دٻائي چيائين، "قبلا، اوهانجو حڪم برچشم. مان فضا کي وڌيڪ ناگوار بڻجڻ نه ڏيندس. اڄ رات 'ليليٰ مجنونءَ' جو ناٽڪ ٿيندو ۽ هن ڪوٽ ۾ اهو منهنجو پوئين ناٽڪ ٿيندو."

"ڪيڏانهن ويندين؟" "احمد شاهه دکي دل سان سوال ڪيو.

"دوزخ ڏانهن. دوزخ وچ ۾ هڪ سورگ پري لڌي هيم جتي آسائش وٺڻ ايندو هوس؛ پر دوزخ جي غضبناڪ آگ اَن سورگ پريءَ تائين به پهچي ويئي. ڏهه سال اڳ پنجاب جي فتنه‌انگيز فضا کان ڪنارو ڪري صوفين جي ديس سنڌ ۾ آيو هوس. منهنجي ڏسندي ڏسندي سڄي سنڌ جي فضا بدلبي رهي، پر اوهانجو ڪوٽ شاندار روايتن جيان اڏول رهيو. ۽ اڄ ... قبلا، اِنسان برابر اپڻن ۾ اهڙو تڪڙو ڇو آهي؟" لال خان لنبو ساهه کنيو.

شاهه جي اوطاق مان نڪري پنهنجي شاميانـي ۾ پهچي، لال خان پنهنجن هٿن سان "ڪرشن سداما" جو بورڊ لاهي، "ليليٰ مجنون" جو بورڊ ٽنگيو. مئنيجر کي سڏي چيائين، "اڄ رات جي کيل کانپوءِ سامان سهيڙڻ جي تياري ڪجِ. سڀان صبوح جو هتان ڪوچ ڪنداسين."

”ڪيڏانهن؟ اڃا هت آڏي ٽي ڏينهن مس ٿيا اٿون.“
”ڪيڏانهن هلڻو آهي سا سونکي به خبر ڪانهي. صبوح جوئي فيصلو ڪنداسين، پر هتان هلڻو ضرور آهي.“ ائين چئي لال خان پنهنجي شخصي تنبوءَ ۾ گهڙي ويو.

پر ٻئي ڏينهن تي لال خان ڪوٺ ڇڏي نه سگهيو. سامان سهيڙ جي ٻيل ڳاڏين تي ٻرجي چڪو هو. لال خان ۾ سندس ٽوليءَ لاءِ ٽانگا به اچي ويا، پر قافلو ڪوچ ڪري نه سگهيو ڇاڪاڻ ته نئين ناڻڪا شمشاد بيگم لاپته هئي. ڪالهه رات ناٽڪ پوري ٿيڻ بعد جڏهن مئنيجر شمشاد بيگم کي پڙايو هو ته صبوح جو لڏو پٽڻو آهي، تڏهن اول ته هوءَ سراپجي ويئي، پر پوءِ بنا دير منهن ٺاهي مرڪندي چيائين، ”ٺيڪ آهي. نوڪري ڪرڻي آهي ته مالڪ جي هر حڪم کي اکين تي رکڻو پوندو.“ ائين چئي هوءَ پنهنجي تنبوءَ ۾ هلي ويئي هئي. پر صبوح جو جڏهن هنجي تنبوءَ کي آکيڙڻ جو وارو آيو ته هوءَ آتي ڪانه هئي.

مئنيجر هڪدم لال خان کي خبر ڏني. گهڙي ڪن لاءِ لال خان جو چهرو ملول ٿي ويو. پوءِ عجيب مرڪ مرڪي چيائين، ”پرواهه ناهي، ٻي ناڻڪا ڳولهي وٺبي. ڪوچ جي تياري ڪريو.“

لال خان ڏو پڻ جي ٽانگي ۾ چڙهڻ لاءِ اڳئين خاني جي رڪيب تي پير رکيوئي هو ته سڏ ٿيو،

”لال خان!“

هن پنهنجو پير رڪيب تان لاٿو. پريان احمد شاهه جو خاصخيلي خانڻ پٺي آيو.

”ڇوٓ!“ لال خان رڪاڌيءَ مان چيو. ڇا اهو هڏائڻ آيو آهين ته شمشاد احمد شاهه جي اوطاق ۾ ي آهي؟“

”شمشاد نندي شاهه سائينءَ جي اوطاق ني!“ خانڻ حيرت وچان چيو. ”تنهنجو دماغ ته ٺيڪ آهي. نندي شاهه سائينءَ کي تو اهڙو سمجهيو آهي؟“

”نڌهن ڇا آهي؟“

”نندي شاهه سائينءَ توکي پـاڻوٺ کهرايو آهي. اٿين به چيو اٿس ته تون اچ وڃي نه سگهندين.“

”ڇو؟ سال جي انـدر انـدر ڪوٽ مان کهڙي ويڏن ني ويٺي آهي؟“

احمد شاهه، مست بابا جي مقام تي، نوابشاهه جي ڪٽ تي اڪيلو ويٺو هو. لال خان کي سوڙهي لنگهه مان اندر کهڙندو سي ڇيائين، ”تون ته گهٽوئي رسڻ چاهين، پر حالتون توکان مونکان وڏيڪ طاقتور آهـن. ناڏڪا ڪانسواءِ تون وڃي ڏي ڪٺن ڏو سگهين؟“

شاهه هن کي هٿ جي اشاري سان پنهنجي ڪٽ تي وهاريو.

”خانڻ کي خبر آهي ته مان تـوهانجي پيغام ملڻ تي ٽانگي مان لهي آيـو آهيان. بيل گـاڏيون ۽ ٽانگا هلڻ لاءِ تيار بيٺا آهن.“

”وڃين ڪيڏانهن ٿو؟“

”حال في الحال ته نوشهري وڃي رهيو آهيان.“

”منهنجو خيال آهي ته آٺ ڏهه ڏينهن هتي ترس. ناڻڪا ڪانسواءِ جهڙو هت تهڙو ٻيءِ هند. هت رهندي ممڪن آهي ته ناڻڪا جو ساٿ ملي سگهيئي.“

”اوهانجو مطلب ڇا هي؟ اڄ اوهان پروين ۾ پيا ڳالهايو!“

”تون هت رهي ناڻڪن جو پروگرام رٿ. هر رات ناڻڪ واري وقت لاءِ شمشاد کي تنهنجي شاميانيءَ ۾ پهچائڻ منهنجو ذمو آهي. انن ڏهن ڏينهن بعد تون شمشاد کي ساڻ وٺي وڃي سگهندين.“

”قبلا، مونکي ڪجهه نه سمجهايو.“

شاهه پاڻءِ نه هنجو سوال پڌوئي ڪو نه. چيائين، ”اُن بندوبست لاءِ هڪ شرط آهي. هت رهندي تون شمشاد ڪان ڪي نه پڇندين ۽ منجهس ڪا بندش نه وجهندين.“

لال خان ڪو جواب نه ڏنو.

”تون هاڻي پلي وڃ. بيل ڪاڏيون ۽ ٽانگا واپس ڪر. رات جو شاميانيءَ ۾ ڪڏباسون. خاطر جمع رک، شمشاد پوري وقت تي پهچندي. احمد شاهه جو قول پٿر تي ليڪو آهي.“

لال خان جي وڃڻ بعد شاهه، خانڻ ۽ مست بابا جي مقام ۾ حاضر آدمين کي چيو، ”جيڪو پڙهڪ باهر

ڪيندو تنهنجي ڪل لاهي ڇڏيندس.“

آٺ ڏينهن پوءِ ناٽڪ ختم ٿيڻ بعد شمشاد لال خان کي چيو، هاڻي ڪڏهن به هلو. مان اوهان سان هلنديس.“

لال خان هڪدم مئنيجر کي سامان سهيڙڻ جو حڪم ڏنو ۽ پنڌرڪي ٿيڻ کان اڳهڙي گريٽ انڊين ٿيٽريڪل ڪمپنيءَ جو اڏالو ڳوٺ مان روانو ٿي ويو.

## ( ٩ )

رام به سڪل تلاءَ ۾ لڳايل عارضي تنبو پٽي ڇڏيو. هينئر وري ڇوڪرين جي اسڪول واري سندس هوٽل ڳوٺ جي شوقينن جو مرڪز بڻجي پيئي. سانول به نت نيم هوٽل بند ٿيڻ جي وقت کان اڳ ايندو هو. هوٽل بند ٿيڻ بعد ٻئي ڄڻا پوهوءَ جي باغ ۾ ويندا هئا. ٻارهين هڪ نائين بنسري ۽ ڳانا ٻڌي ڳوٺ واپس ورندا هئا. سانول ڪڏهن ابراهيم جي جهوپڙيءَ ۾ ويندو هو، ڪڏهن مست بابا جي مقام ۾ هليو ويندو هو. بعضي بعضي پنهنجي گهر به هليو ويندو هو.

ڪتيءَ جي پورنماسيءَ رات هڪ بجي، ڪرسنگت ۾ گرونانڪ جو جنم ٿيڻو هو. سانول دستور مطابق رام جي هوٽل تي پهتو.

”اڄ گرسنگت ۾ هلنداسين.“ رام دڪان کي تالو ڏيئي چابيون کيسي ۾ وجهندي، چيو.

”آئي ماڻهو ڪن مقصدن سان ويندا آهن، تون ڪهڙي مقصد سان ٿو هلين؟“

رام ٿهڪ ڏيئي چيو، ”اول تون اهي ڪي مقصد سمجهه ته پوءِ مان توکي پنهنجو مقصد ٻڌائيندس. توکان ڇا لڪائڻو آهي.“

ٻئي پاسي واري گهٽيءَ ۾ گهڙيا.

”هڪڙا گروءَ ۾ سچو صدق رکي گروائي ٻڌڻ ويندا آهن، پر اهڙا ٿورا ماڻهو هوندا آهن. ڪاڻ ڪٺيا! گهٽي ياگي پوڙها مرد ۽ ٻڍيون مايون! آهي پرلوڪ جو توشو ڪاهڻ لاءِ ويندا آهن.“

”باقي شخص ڇو ويندا آهن؟“ رام وري ٿهڪ ڏنو.

”ٻن کي ٻن حصن ۾ ورهائي سگهجي ٿو. هڪڙا گرسنگت جا چوها ڪٺاهه جي لالچ تي ويندا آهن؛ ٻيا ڇوڪرن ڇوڪرين کي تڪڻ ويندا آهن. گرسنگت ويندڙن ۾ وڏو حصو انهنجو هوندو آهي.“

”سو توکي ٻه سڌ آهي؟“

”ڇو مان گهوٽ ۾ ڪونه ٿو رهان ڇا؟ هاڻ ٻڌاءِ نه تون ڇو ٿو هلين؟“

”منهنجو گروجن ۾ سچو نشچو آهي. تو دڪان تي گروجن جي تصوير ٽنگيل ڪانه ڏٺي آهي؟“

”مون تصوير ڪان وڌيڪ ٻه ڏٺو آهي.“ ساڻول

مـرڪـي چيو. ”تـون دڪان تـي اچڻ شرط اگربتي دڪـائي، اڪيون بند ڪري هٿ جـوڙي بيهندو آهين. رات جو سمهڻ وقت ٻه گروجن جو ڏيان ڌريندو آهين.“ سانول عجيب ٿهڪ ڏنو.

”اچا ٻه تون منهنجي ڪرسنگت ۾ هلڻ جـو مقصد ڄاڻڻ ٿو چاهين؟“ رام ڪي قدر گنڀيرتا سان چيو.

”مونکي ڄاڻڻ جي خاص چاهنا ڪانهي. مونـکي صرف ٻيءَ ني قياس ٿو اچي.“

ٻئي ڄڻا ڪرسنگت وٽ پهچي ويا هئا. سانول جي ڳالهه ٻڌي رام چيو، ”ڇاجي لاءِ؟ مون ڇا ڪيو آهي؟“

”تون ڪرسنگت مان ٿي اچ ته پوءِ ٿو ٻڌايانءِ. مان ڇٽن جي دڪان تـي وڃـي ٿـو وهـان. ڪمبخت دڪان کولي وڏيڪ ڪمائي ڪرڻ سان گرپريپ ملهائي رهيو آهي. پوڪ پٽجي رهـي ۽ تنهنجي دل گهر هلڻ تي ٿئي ته مونکي ڇٽن جي دڪان تان سڏ ڪج.“

”اجائي انتظار ۾ وجهي ٿو وڃين ڇو؟ تون ڇـونه ٿو اندر هلين؟“

”جنهن مقصد سان تون اندر وڃين ٿو سو مونکي نه آهي. تـون اڪيون ٺاري اچ؛ مان تـوکي جهليان ڪونه ٿو.“

ائين چئي هو رام جي جواب جو انتظار نه ڪري، جي دڪان ڏانهن وڌي ويو. ويندي ويندي هو

بيسري آواز ۾ آلا پنهنڊو ٿي ويو :

يار نہ ڪجي هڪڙو، پہ تان نہ ڪجن....

* * * * * *

چمن جي دڪان تي بورڊنگ هائوس ۾ رهندڙ ٻن ٽن ڇوڪرن چانهہ ويٺي پيتي. گپ شپ پئي هنياڏون. خانڻ بہ ٻئي ٽنگون هڪ ڪرسيءَ تي رکي ڪروندڙو ٿيو ويٺو هو. سانول سڌو دڪان تي مٿي چڙهي ويو ۽ برڻيءَ مان ڪيڪ ڪيڏي ڪائيندي، چمن کي چيائين،
”اعتراض تہ ڪونهي ني؟ ڏاڍي بک لڳي اٿم.“
”تو-ان ڪهڙا ليکا آهن، يار!“ چمن کلي چيو.
”اڄ ڪلهہ تنهنجا درشن ئي درلڀ ٿي پيا آهن. نئين يار ملڻ تي اسان جهوننـ کي وساري ڇڏيو اٿيئي.“
سانول ڪيڪ ڪائيندي، مرڪندو رهيو.
چمن هڪ آيو ساهہ پري چيو، ”يار تنهنجو ڏوهہ نہ آهي: دنيا ئي ڦري ويئي آهي.“
”اڙي هڪ ڪيڪ لاءِ ايڏو سياپو ٿو ڪرين! وٺي بہ پئسا وٺنديز نہ؟“ سانول ٺهڪ ڏنو.
”سؤ ڪيڪ کاءُ دلبر! پر پيرو نہ پيچ. ڪڏهن ڪڏهن نئڊيڻ جي دوستن کي بہ ياد ڪندو ڪر.“
سڪولي ڇوڪرا چانهہ جا پئسا ڦٽا ڪري گرسنگت ڏانهن وڌي ويا .

”اڄ اڃا دوڪان کولي ويٺو آهين؟“ سانول برڏيءَ
مان پيو ڪيڪ ڪيندي سوال ڪيو.

”سمجهيو هوم گرپرب جي موقعي تي ڪمائيندس،
پر گراهڪ ئي نٿا اچن.“

”گرپرب تي ڇا ماڻهو چانهه پيئندا آهن؟“ سانول
وري ٺهڪ ڏنو. پوءِ خانڻ ڏانهن منهن ڪري چيائين،

”ميان هت گهيرت ويٺو ڪائين، تنهن ڪان اوطاق تي
ڇو نٿو وڃي سمهين؟“

”ننديو شاهه سائين اڃا ڪونه موٽيو آهي.“ خانڻ
ٽنگون هيٺ ڪري سڌو ٿي ويندي چيو.

”ڪاڏي ويو آهي؟“

خانڻ کو جواب ڏئي تنهن کان اڳ چٽن چيو،
”خبر ڪانه اٿيئي، مکي صبوح کان وڏي گردي جي
سور ۾ ڦٿڪي رهيو آهي؟“

”ڪاڪو مونکي ته ڪا خبر ڪانهي.“

”ننديو شاهه شام کان وڏي مکيءَ جي گهر ويٺو
آهي.“ خانڻ چيو.

”ڪاڪي جي حالت اهڙي نازڪ آهي ڪٿن؟“
سانول صندل تي ويهي پڇيو.

”پڙجي ائين ٿو مکي هيٺ مٿي ٿيو ته ڊينگوڏي
ڊيري تي ويندو. ڪندن اڃا آلڻ آهي، آڏل بي سمجهه
ملڪيت رلي ويندي.“

”ڪنهنجي ملڪيت؟“ سانول چڙ نند مان سجاڳ ٿي،

ٿي سوال ڪيو. جواب به وري پاڻ ڏنائين، ”ڪاڪو، ڇا ڄمندي ايڏي ملڪيت ڪٺي آيو هو؟ ڪنڊن به صفا ٻار ڪونهي. تنهن ڪانسواءِ احمد شاهه جهڙو رڃ مڙس مٿس هٿ رکندو. تون به، ڪهڙيون عجيب ڳالهيون ڪندو آهين! ملڪيت غريبن جي رلندي آهي، تباهه ٿيندي آهي. شاهوڪارن جي وڌندي آهي يا عيش بلي ڪتب اچي ڪن ٻين کي ورسائيندي آهي. چڱو، هڪ ڪوپ ڪڙڪ چانهه جو تيار ڪري وٺ ۽ ها، هڪ ڪيڪ پيو به ڏينم. تڏهن بکه به وڌندي آهي.“

سانول جي رخ کي ڏسي چمن ڳالهه ڦيرائي ڇڏيو. چانهه ڪوپ ۾ اوتيندي چيائين، ”اڄ تون هن طرف ڪيئن نڪري پيو آهين؟“

”خيال پرهوءَ جي باغ ۾ وڃڻ جو هو پر رام هيڏانهن گهلي آيو. ڪروڄن ۾ سچو صدق اٿس نه؟ ڪمبخت....“

هن جملي پوري ڪرڻ جي ضرورت محسوس نه ڪئي. هو ڪيڪ کي چڪ هڻي چانهه پيئڻ لڳو.

گفتگو اکڻي ڪانه وڌي ٻئي ڄڻا خاموش رهيا.

سانول اڃا چانهه پي خلاص ڪانه ڪئي ته رام اچي ويو. ”ٻوڪ پٺجي ويو؟“ سانول عجب وچان پڇيو

”نه. مونکي مزو نه آيو. آٿ، گهر هلون.“

سانول باقي بچيل چانهه ڪيت ڪري پي ويو ۽ پوءِ اٿي کڙو ٿيو. چمن جي ٻئي ٻپريندي چيائين، ”دلبر،

مھماننوازي لاءِ مھرباني."
چنن جي دڪان ڪان اڳيرو وڌندي سانول چيو،
"تون نہ ڪروڄن جو سچو شرڌالو آھين، پوءِ تو کي مزو
ڇو ڪين آيو؟"
رام جواب نہ ڏيئي صرف ٺھڪ ڏنو.
"ڇنہو تہ منھنجو ڏڪو صحيح ھو؟"
"ڪھڙو ڏڪو؟"
"تہ تون بہ گرسنگت ۾ ڇوڪريون ڏسڻ ٿو
وڃين . اڳھٽو مون کو نہ چيو تہ مونکي ٻيءَ سان
ھمدردي آھي."
"ڇا، ڇوڪريون ڏسڻ گناھہ آھي؟"
"شادي ڪيل شخص لاءِ اھو ثواب بہ ڪونھي."
"تون ڏاڍو سادو آھين، سانول!" رام ڳنڀير بڻجڻ
جي ڪوشش ڪندي چيو. "خبر نہ آھي، ماڻھو تو کي
افلاطون ڇو سمجھندا آھن! سونھن ڪنھن کي نٿي وڻي!
تون ھاجرہ وٽ ڪلاڪن جا ڪلاڪ ڇو ويندو آھين؟"
"منھنجي ھن سان سچي محبت آھي."
"مان تنھنجي محبت جي ڳالھہ ڪانہ ٿو ڪريان.
مان صرف ايترو ٿو پڇان تہ تنھنجي ھن سان محبت ڇو
ٿي؟ ھنجي سونھن ڏسي نہ؟"
"پر تنھنجي نہ اڳ ئي شادي ڪيل آھي ۽ ٻيءَ
ٻين سندر ڇوڪرين ڪان ڇا ۾ گھٽ آھي؟"
"ٻيءَ جي سونھن ڪان مان انڪار ڪٿي ٿو ڪريان؟

ائين ته هر عورت سندر ٿيندي آهي. ڪڏهن ڪڏهن مونکي پنهنجي مس به سهڻي لڳندي آهي."

"تون ويچاري آهين." سانول ڪي قدر ڪراهت وچان چيو. "تو ۾ ۽ گرمڪ ۾ باقي فرق ڪهڙو آهي؟"

"هن ۽ مون ۾ زمين آسمان جو فرق آهي. مان هر گل کي پريِ کان ڏسي اکيون ٺو ٺاريان؛ آن گل جي ويجهو نٿو وڃان. گرمڪ ڀنوَر آهي. هو هر گل جي ويجهو وڃي آنجو واس وٺي، آنجي جوڀن ۽ جمال کي ناس ٿو ڪري. پر ڇا تون خود حسن پرست نه آهين؟"

"آهيان، پر مان هڪ ڏي قول جو شيدائي آهيان."

"باغ ۾ هرهڪ گل پنهنجي سر سندر ٿيندو آهي، پر سچي چمن جي سونهن صرف هڪ پشپ ۾ سمايل نه ٿيندي آهي؛ تئن دنيا جي هر عورت ۾ ٿوري گهڻي سندرتا ضرور ٿئي ٿي، پر آها مڪمل سونهن جي مجسم نه ٿي رهي. هاجره ۾ اڄ توکي اچانڪ سنپورڻ سونهن ٿي نظر اچي، پر ڇا آن کان اڳ پڇن، نرمل ۾ ڪنهن تنهنجا منٺار نه هئا؟ ڇا تون خاطريءَ سان چئي سگهين ٿو ته هن کانپوءِ تون ڪنهن ٻئي جي سونهن کان متاثر نه ٿيندين؟"

"مونکي پڪ آهي ته مان هاجره کانسواءِ ٻئي ڪنهن ڏانهن اک کڻي به نه نهاريندس."

"اهڙو نشچو شايد تو پڇن، نرمل ۽ ڪنهن پيري

به ڪيو هوندو. اسين پنهنجي بحث جي دائري کان وڌيڪ ٻاهر وڃي رهيا آهيون. ويچاريءَ جو واسطو ڪاروانن سان آهي. سندرتا جي پوڄاريءَ جو ويچار سان رتي پر به لاڳاپو نه آهي. سان پڻ ڪانسواءِ ٻي ڪنهن سان غير جائز رستو رکان ته لاشڪ ويچاري ٻٽبس. پر جي ڪنهنجي چاتيءَ جو اُڀار، ڪنهنجي اکين جي چمڪ، ڪنهنجي لبن جي مرڪ ۽ ڪنهنجي بدن جي سڊول بناوت مونکي وٺي ٿي ته ڪير به مونکي مرد آهه پڻ کان روڪي نٿو سگهي؛ ۽ سونهن جون اهي سڀ خوبيون ڪنهن هڪ عورت ۾ هجن، اهو ناممڪن آهي.“

”منهنجي هاجره....“

”اهو تون پاڻکي دوکو ڏيئي رهيو آهين. پلا هاجره جيڪڏهن ٻئي ڪنهن سان نڪاح وجهي ڇڏي ته اُن حالت ۾ ڇا ڪندين؟“

”ٻئي سان نڪاح وجهندي!“ سانول جون واڇون ولڙيون ٿي ويئون. هن اڳي ڪڏهن به سوال جي اِنَ پهلوءَ تي ويچار نه ڪيو هو.

”هوءَ سڄي عمر ڪنواري ٿوروئي ويهي رهندي. ڏنو آنڌو نه هجي ها ته هن کان اڳ ياڳوان ٻڌجي وڃي ها. نيٺ ڪير ته هنکي پنهنجو ڪندو نه؟ ها، تون مسلمان ٻڌجي وڃين ته ٻي ڳالهه آهي. ڳوٺ جي اڇوڪي وايومنڊل ۾ هڪ مسلم ڇوڪريءَ جي شادي هندو ڇوڪري سان ٿي نٿي سگهي، خاص ڪري جڏهن ......“ رام

ڇانئي ٻجهي خاموش ٿي ويو.

”جڏهن ڇا؟“ سانول آناولو ٿي پڇيو.

”جڏهن ڇوڪري غريب هاريءَ جي سؤٽ ۽ سالي آهي ۽ ڇوڪرو بگين واري جو آواره پٽ آهي. هيءَ سماج پئسي وارن جي ٿي پرواهہ ڪندي آهي. تڏهن تہ مان توکي چوندو آهيان تہ ڪو ڌنڌو ڪر. ٻہ ٽي دفعا پاڻ سان ڀاڳيداريءَ جي آڇ ڪئي ٿيمانءِ پر تون پنهنجي ٿي مؤ ۾ مگهن آهين.“

”مان شاهوڪار بڻجڻ نٿو چاهيان؛ ۽ جيستائين دال روٽي ملي پيئي تيستائين مونکي چنتا ڪرڻ جي ضرورت نہ آهي.“

”اڙي ڀائي، توکي ڇا سمجهايان! تون منهنجي سمجهاڻي سان ڪونہ سمجهندين. جڏهن ڇڪي تان تنهنجي صنت لهندي، تڏهن ڌڪا ڌوما کائي پاڻهي سمجهندين تہ اڄ جي دنيا ۾ پئسي ۽ محنت جو ڪيترو قدر آهي.“

”مان محبت ۾ بدقسمت ٿي سگهان ٿو، پر جوئا ۾ هرگز نہ.“ سانول ٺهڪ ڏنو.

”قسمت بہ ڪڏهن ڪنهن سان هميشه لاءِ ساٿ ڏنو آهي! قسمت ظالم آهي، منهنجا دوست! پئسي وارن ۽ چار سؤ ويهہ آدمين ڪانسواءِ ٻئي جي مشڪل حمايت ڪندي آهي. پر اسين وري پنهنجي بحث جي دائري کان نڪري وياسين. هان ... هي روئڻ جو آواز! مڪيءَ جي گهر مان ٻارن ڪيڻ جو آواز؟“

”شايد ڪاڪو؟“

”اوچتو ئي اوچتو؟“

”خانڻ ڳالهه ڪئي ته صبوح کان وٺي ڳڙدي جي سور ۾ ڦٿڪي رهيو هو.“

”ويچارو ڪندن!“ رام آيو ساهه پريو. هئي ڄڻ ڪائي بيهي ويا.

خير هلئو هر ڪنهن کي آهيئي“ رام ڳنڀير نوع ۾ چيو. ڪي ڏيرسي وري چيائين، ”قسمت سات ڏنو ته ڪندن جي پيسن ۾ منهنجي محنت سان سڀ ڪجهه ٿي پوندو.“

”تون هنکي احمد شاهه جي چنبي مان ڪيڏي نه سگهندين. هو ڳوٺ جو وڏيرو آهي ۽ تون....“

رام ساٺول کي جملو پورو ڪرڻ نه ڏنو. ڳنڀير نوع ۾ چيائين، آن ڪي ڏسي وٺبو. گهٽ ۾ گهٽ مان ويهن ننهن جو زور ضرور لڳائيندس.“

ڪي گهڙيون هئي خاموش ويٺا رهيا.

”مونکي اڄ رات ننڊ نه ايندي. تون پنهنجي گهر ويندين نه؟ چڱو مان هلانٿو.“ ۽ ساٺول جي جواب جو انتظار نه ڪري، رام اڪٽي وڃي ويو.

ساٺول پنهنجي گهر جو ڪڙو ڪڙڪايو ۽ هنجي چپن تي هو بيسرو گيت:

دنيا ۾ داڏو ياڻي هر ڪنهنجو، ڏينهڙا ٻه چار آهه

( ١٠ )

رام کي سڄي پيچ سڄي رات ننډ نہ آئي. هو هوائي قلعا اڏڻ لڳو. گيهہ جي گهڙي واري ڇوڪري جيان هو سوچڻ لڳو تہ کندن سڄ پيچ منهنجي قبضي ۾ اچي ويو آهي، مکيءَ جي ڏجوڙي کولي منهنجي اکيان رکي اٿس. رام هينئر جنسي هوا ۾ اڏامڻ لڳو.... ”رام هوٽل“ هينئر صرف دڪان نہ رهندي. اها هينئر وڏن شهرن جي ايراني هوٽلن کان بہ وڌيڪ شاندار ٿي ويندي. تنهن کانسواءِ کندن ۽ کمپني کلندي جنهن ۾ مان پاڻيوار ٿيندس. کندن ۽ کمپني کا جهڙي تهڙي فرم نہ ٿيندي. سڄي ساهتيءَ ۾ اَن جهڙي فرم نہ هوندي. جي- بي منگهارام جي سول ايجنسي، اي- سي- اي سيمينٽ جي سول ايجنسي، ساهتيہ اليڪٽرڪ ڪمپني جي مئنيجنگ ايجنسي ۽ راما ٽاڪيز جي مئنيجمينٽ وغيره سڀ اسان وٽ اچي ويندا....

رام وڏن شهرن ۾ رهيو هو ۽ هنکي ڏنڌي وڌائڻ ۽ پيسن ڪاهڻ بابت نوان ۽ وڏا خيال هئا. هن اکيان مشڪلات صرف پيسي جي رهندي هئي؛ پر اج هن اَن مسئلي جو بہ حل ڳولي ڪڍيو هو ۽ اهي سڀ ماندان منديندو رهيو. پر ائين گيهہ جي دلي وارا پور پڇائيندي پڇائيندي اوچتو جڏهن سانول جا لفظ ٿي ياد آيس ... نون کندن کي احمد شاهہ جي چنبي مان ڪڍي نہ

سگھندين تہ ھن جا اھي سڀ خيالي ڪوٽ، واريءَ جا
محل ڪن ۾ ڊھي ٽي پيا.

رام دل کي وري ھيو آٿت ڏيندو رھيو ........ مان ڪوشش ڪندس. اِنسان سچائيءَ سان ڪوشش ڪري تہ ڇا نٿو ڪري سگھي. اھڙي طرح دل کي ڏڍ ڏيئي ھو وري آنسٽا پڙھڻ لڳو. اڄا صبوح ٿيڻ ۾ ڪجھہ دير ھئي جو رام ھٿ منھن ڌوئي نيراني ٽي مکيءَ جي گھر ڏانھن ھليو. اوچتوئي ھنکي ويچار آيو .... پر جي مکي مٿو ئي نہ ھجي تہ؟ انھيءَ ويچار انديشي ھنکي ڍڪر وٺي ويا، پر ھنجا قدم ڪونہ رڪيا؛ ھو اڳتي وڌندو رھيو. ٺاروملُ ڏکن واري جي جاءِ وٽ پھتو تہ ھنکي مکيءَ جي گھران روئڻ جو ھلڪو آواز پڙڻ ۾ آيو. ھنجا پٽ سنوان ٿيا.

اوطاق جو دروازو کليو پيو ھو. رام اندر لنگھي ويو. سانول جو پيءُ منشارام، ڪندن جو پيو سوٽ ريلو، پاڙي وارو ڪونگومل اڳيئي ويٺا ھئا. پريان ھڪ ڪنڊ ۾ آئل روئي رھيو ھو ۽ ڪندن اشڪبار اکين سان ھنکي پرچائڻ جي ڪوشش پئي ڪئي.

جيڪا رام جي مرضي!" رام منھن کي غمگين بنائڻ جي ڪوشش ڪندي منشا رام کي چيو ۽ پٽ ٽي ويھي رھيو.

آھستي آھستي احمد شاھہ، نوابشاھہ، عابد خان، گرمکہ ڊنگوراڻي، مھراج شنڪر ۽ نوٽيفائيڊ ايريا ڪاميٽي جا

ٻيا ميمبر ۽ پنچات جا مدبر وغيره جمع ٿيندا ويا.

”رام!“ احمد شاهه چيو، ”تون پٽ کي نه هو ڪي ڏيڻ جو چئي اچينس.“

”جيءُ قبلا!“ چئي رام اُٿيو ۽ چمپل پائي ٻاهر نڪري ويو.

پاڙيسريءَ جي ننگ نباهڻ لاءِ رام اُن ڏينهن پنهنجو گهر ۽ دڪان وساري ڇڏيو. ٿئي ٿاهڻ؛ مکيءَ کي سنان ڪرائڻ، ڪلهي ڏيڻ، هرنام سنگهه هٿ ڪرڻ، چڪيا ٿاهڻ، لنبا تيار ڪرڻ... هر ڪم ۾ هو مکيءَ جي رشتيدارن ۽ پاڙيوارن کي شهه ڏيئي ويو.

چوٿين ڏينهن ڪندن ريلوءَ سان گڏ گورو گنگاجيءَ تي ڪٽي ويو. پٺيان ٻنجين ڏينهن ستائون پاٺ رکايو ويو. رام اڃا به مکيءَ جي گهر جو پاڻي ڀٽجي هر ڪم ۾ دلچسپي وٺندو رهيو. ٻارهي جي ڪريا ڪرم، پاٺ جي ڀوڳ، ٻارهي جي ڪريا ڪرم وقت به هو سڀني کان اَڳرو رهيو. پنهنجي سڳي پيءُ جي مرڻ وقت به رام اهڙي دلچسپي نه ورتي هئي. هن دنيا ۾ محنت به ڪڏهن اَڪيار ٿي ويئي آهي! مکيءَ جي ٻارهي جي ڪريا ڪرم پوري ٿيڻ بعد رام مکيءَ جي اوطاق تي آهليو پيو هو. ڏک کان سندس لڳ لڳ پئي ڏکيو. رکي رکي سندس دماغ ۾ اهو سوال به پيدا ٿي ٿيو... ڪندن سان پنهنجي مطلب جي ڳالهه ڪئن ۽ ڪڏهن ڇوريان؟ سچي ڪئي ڪمائي ڪٽ ته نه ٿي ويندي؟

”توهين درست آهيو قبلا! ڀڳوان هنکي ڏکيا ڏينهن
نه ڏيکاريندو؛ تڏهن به دورانديش ٿيڻ چڱو آهي.
”ڪندن کي پنهنجو پڙهڻ ته ڪڏهن به جاري رکڻو
پوندو. سوال آهي مکيءَ جي ڪرت سنڀالڻ جو. اوڌرون
رهيل آهن، زيور گهڻا رکيا آهن، گرويءَ جا دستاويز
پيا آهن ۽ نجاڻا ڪهڙا پيچيدا معاملا هوندا؛ تنهنجو
ڇا ڪجي؟“
رام جي دل ڪڳيون هڻڻ لڳي. هو من ئي من ۾
جئي لال جي جوت اڳيان نميو، پر ٻاهران خوشيءَ جي
ڪا ڏيکاري نه ڏنائين. چيائين، ”قبلا، اوهان جهڙن
بزرگن جي هوندي سڀ پيچيدا مسئلا آسان ٿي پوندا.“
پر مان پاڻ نه ڪونه وڃي مکيءَ جي دڪان تي
ويهندس. منشارام جا افعال سمجهني ٿا، رک. ٿپڙ نه ٿهيئي
ڪونه. سانول جوئاري ۽ آواره، ريلو بدچلن ۽ بدمعاش.
ڪندن جي ناناڻي پهر ۾ به ڪو سٺو پرو ڪونهي.“
شاه خاموش ٿي ويو.
”مان جو ويٺو آهيان.“ رام جي چپن تائين اهي
اکر آيا پر هن پاڻ کي وقت سر روڪي ورتو. سوچيائين...
صبر کان ڪم وٺڻ کپي. تر جي گٿي سؤ چوٽون کائي.
ڪٿي نهيل ڌڪيل ڪم نه بگڙي وڃي.“
”تون مکيءَ جو ڌنڌو سنڀاليندين؟“ شاه هيئنئر مطلب
جي ڳالهه تي آيو.
شاهه جي انهيءَ سڌي سوال تي رام گهڙي کن لاءِ

منهنجي پيءُ، پر ستت ئي پاڻ سنڀالي ورتائين.

"قبلا منهنجو پنهنجو دڪان" رام پنهنجي دل جي سچي تمنا کي ضابطي هيٺ رکڻ جي ڪوشش ڪندي چيو.

"تنهنجي دڪان تي ڇا ڪرڻو آهي؟ چانهه گدو ئي سگهندو. ڪلفيون ۽ آئسڪريم جو وقت نه آهي ڪونه. تون روز شام جو ڪلاڪ اڌ وڃي نظرداري ڪري اچ. مکيءَ جي دڪان تي به تون اڪيلو نه هوندين. مينگهو آهي، ڪندن به ٻه چار ڪلاڪ اچي ويهندو. ڇو ڇا ٿو چوين؟"

"ڇا چوان؟" رام ڪنڌ هيٺ ڪري چيو. "سائينجن کي ناڪار ڪرڻ جي ڪنهنکي مجال آهي."

ٻئي ڏينهن ئي راممکيءَ جي دڪان تي اچي ويٺو. هن شاهه يا ڪندن سان، اُجوري جي ڳالهه به صفا نه ڪئي. مهني بعد شاهه هنکي آسي روپيه ڏياريا. رام چپ چاپ آهي اکين تي رکيا، نه منهن گهنجايائين نه چپ چوريائين.

نئين مکيءَ جي سوال تي پنچات ۾ ڪليو ڪلاڊيو ٻه ڏريون ٿي ويئون. ڊاڪٽر مينگهراج، سيٺ دولترام ۽ ٻين بزرگن جو رايو هو ته مکيءَ جي پڳ ڪندن کي ٻڌائي وڃي ۽ گڏوگڏ نائب مکي به چونڊيو وڃي جو ڪندن جي بالغ ٿيڻ، هنجي تعليم ختم ڪرڻ تائين پنچات جو منهه مکه ٿي رهي. پر مهراج شنڪر، خوشيرام

کان الڳ رهڻ ٿو چاهيان. مان بابي وارو ڌنڌو به ڪرڻ
نٿو چاهيان."

"پيءُ وارو ڌنڌو نٿو ڪرڻ چاهين؟" شاهه حيران
ٿي پڇيو.

"ها، مونکي غريبن جو رت چوسڻ نٿو وڻي."

"احمد شاهه ٽهڪ ڏنو. "تون اڃا آلڙ نينگر آهين."
شاهه ڪنڌن جي ٻچيءَ تي هٿ ڦيرائيندي چيو. "غريبن
جو رت چوسبوئي رهيو. تون نه چوسيندين ته ڪو ٻيو
چوسيندو. هنن جو رت آهيئي چوسجڻ لاءِ، آن ۾ اونهو
وڃڻ نه کپي. ٻيءَ طرح پيسا ٺهڻ جا ٿي نه آهن."

"ايمانداريءَ جا ڌنڌا به ته آهن!"

"ايمانداريءَ جا ڌنڌا؟ ڌنـڌو ۽ ايمانداري؟ تو کي
شايد سانول برغلايو ٿو ڏسجي."

"سانول سان مون ڳالهايو ئي ڪونهي. مان جي- بي
منگهارام ڪمپنيءَ جي بسڪيٽن ۽ ڪنفيڪشنرن جي ساهتي
لاءِ سول ايجنسي کڻڻ ٿو چاهيان. تنهن کانسواءِ ساهتي
اليڪٽرڪ ڪمپنيءَ جا شيئر وٺڻ ٿو چاهيان. وياج وٺي
جو ڪم مونکي بلڪل نٿو وڻي. اڄ ڪلهه ماڻهن جي
منورتي ڦري ويئي آهي. ٻڪريون تعميل نٿيون ٿـي
سگهن. هارين جي زمين لڪائي وٺي نٿي سگهجي."

شاهه هيئنر اڳي کـان به وڌيڪ حيران ٿي سوال
ڪيو: "تون سڪول جا ڪم به ڪندو آهين يا نه؟
ٻڪرين ۽ زمينن جي چڪر ۾ ايترو جلد ڪٿن گرفتار

ڏي ويو آهين؟"

ڪندن ڪو جواب نه ڏنو. شاهه به ڪجهه وقت خاموش رهيو. پوءِ سنجيدگيءَ سان چيائين، "سنڌ اسيمبليءَ ۾ لئنڊ ايلئنيشن بل ۽ مني ليندرس بل پاس ٿيڻ بعد وياج وٺڻ جو ڪم برابر اوکو ٿي ويو آهي، پر هٿي ڏنڊي مان ايڏو آپراسو ڪٿي آهي. خير، انهن ڳالهين کي ڏسي وٺبو. تون اول پڙهڻ سان چاهه رک."

"مان مڪيءَ قبول ڪونه ڪندو هئاس، جيڪڏهن اوهان منهنجي ڏنڊي بدلائڻ جي ڳالهه قبول نه ڪندا." ڪندن محبوبائي حجت سان چيو.

"مان پاڻهي رام سان سڀ ڳالهه جو بندوبست ڪندس" شاهه هنکي دلاسو ڏنو.

"مونکي ٻي ڳالهه به ڪرڻي آهي، ڪاوڙ ته نه ڪندا؟"

"چؤ."

"مون اڄ ابراهيم کي زينت جا ڳهه موٽائي ڏنا."

"اڙي تون ته ڪو ڳهليو آهين. اِن طرح تون مڪيءَ جي پونجي مهني اندر برباد ڪري ڇڏيندين. خير اٿيئي، اِن پونجيءَ تي آڏل جو به حق آهي. امانت ۾ خيانت ڪرڻ نه کپي." شاهه مرڪيو.

"نڏهن ته مان ڏنڊي بدلائڻ لاءِ ٿو چوان. وياج وٺڻ جي حالت ۾ مان غريبن محتاجن کي سندن ڪروريءَ جا ٽيڻ موٽائي ڏيندس."

رام ڪندن معرفت جو ٽيهر آڇليو هو تنهنجو نشان

خالي نہ ويو. پر ڏينهن پوءِ شاهہ خود سائس جي- بي منگھارام ڪمپنيءَ جي ايجنسي جي ڳالهہ چوري. رام چيو، ”ايجنسي پارس پٿر ثابت ٿيندي، پر مان گھٽ ۾ گھٽ ڏيڍ سئو رپيا ڏيڻ لاءِ تيار آهيان ... ڏيان ڏيٺي نہ سگھندس. مونکي پنهنجي هوٽل بہ نہ سنڀالڻي آهي. آمدني روپيہ ماهوار مان مونکي پورت نٿي پوي.“

”بسڪيٽن جي ايجنسيءَ ۾ تنهنجي چار آنہ پتي رکبي. نون پنهنجي هوٽل بہ سنڀاليندو رهج.“

آندو گهري الله ڪان هڪ اک ۾ ملنس پئي تہ جيڪر چا محسوس ڪري! رام کي بہ ٺيڪ اهڙي ئي قسم جي خوشي ٿي. هو پئي ڏينهن ئي سکر چڙهي ويو.

(١٢)

ڳوٺ ۾ هندن ٿوري مسلمانن جا سڀ وڏا ڏينهن ڌام ڌوم سان ملهايا ويندا هئا. هندو ۽ مسلمان گڏجي هڪ ٻئي جي خوشيءَ ۾ شريڪ ٿيندا هئا. ايامن کان ڳوٺ جي اها شاندار روايت هئي؛ پر هن سال ڏياري ۽ عيدالفطر تي اها ڳالهہ نٿي پيئي. عيد تي مسلمانن عابد خان جي سورش تي هندن کي تنگ ڪرڻ لاءِ پنهنجي پاڙي ۾ پهريون دفعو ڳئو ڪوس ڪيو. ڳوٺ جي

اڳين سالن جيان هن سال به ڀرائيءَ ميلي جي هر ڪم ۾ سانول ۽ مدن فقير اڳرا رهيا. سانول لاءِ تي هيءَ ڇيٽي چنڊ خوش قسمتيءَ جو سنديش کڻي آيو. هاجره سانس گڏ ساڳي بيل گاڏيءَ ۾ نڳرن هلي، ساڳي ٻيڙيءَ ۾ درياه جو سير ڪيائين، ساڳئي پڪل ٻلي سان گڏجي ڪاڏو ڪاڏائين ۽ .... ۽ عمر ڀر سانس محبت ڪرڻ جو واعدو ڪيائين.

تڳرن مان واپس موٽڻ کان اڳ ۾ نوابشاهه جي دل ملهه جي ملاکڙي ڏسڻ تي ٿي. جانباز انگوٺيون ٻڌي ميدان ۾ آيا. خانڻ مدن فقير کي دسي آچانگ ماري. ملي عبدالغنيءَ ٻنهي سيدن ۽ پنهنجي محبوب گوپال کي پيرين پئي ابراهيم وڳڻ کي ٻنهي ملهن ۾ جيتي، سوپ جو سهرو ٻڌو. ملو عبدلغني خانڻ، چنن، پوهو ۽ وريام ڪلهوڙي کي دسي ميدان ۾ ڪڳيون هڻڻ لڳو.

”آهي ڪو مائيءَ جو لال جو ميدان ۾ اچي.“ ملي للڪاريو.

”سانول ڪٿي آهي؟“ نوابشاه پڇيو ۽ سانول کي زور سان سڏ ڪري چيائين، ”وارو ڪر. ملو مڇر جي پيو آهي. اها ٽيڪڙ ته لاهينس.“

”شاهه سائين اڄ نه. اڄ پلو کائي منهنجو پيٽ آفر جي پيو آهي.“

”مرد نه آهين، گانڊو آهين.“ احمد شاهه سانول کي جوش ڏيارڻ لاءِ طعنو هنيو.

”وڃان؟“ سانول آهستگيءَ سان پرسان ويٺل هاجره کان پڇيو.

”ها، مون تنهنجي بهادريءَ جي هاڪ ٻڌي آهي؛ اکين سان نہ ڏٺي.“

هاجره جي اکين ۾ موهيندڙ چمڪ هئي ۽ چپن تي دلڪش مرڪ.

سانول چوتو ٻڌي ميدان ۾ آيو. متي ڪٺي، همٿ مهٽي نعرو هنيائين، ”مست بابا، مدد!“ پوءِ سڌو تي تڪ هڻي هاجره ڏي نهاريائين. هن مرڪي محبوب جي همت افزائي ڪئي. ٻہ جوڙا هڪ ٻئي کي جنبي ويا. انگڙين جا داءُ پيچ شروع ٿي ويا. پهرين ملهہ سانول جيتي.

”اڙي پهرين ملهہ جيتيءَ تہ ڇا ٿيو.“ ملي بدن تان متي اگهندي چيو. ”ٻيا ماءُ جا، ٻي ملهہ منهنجي آهي.“

سانول اکہ ٽيٽ ڪري وري هاجره ڏي نهاريو. پوءِ ٺهڪ ڏيئي چيائين، ”ملا، اڄ نہ ڪٽندين. اڄ منهنجو ستارو زور آهي.“

ٻي ملهہ بہ سانول جيتي. مدن فقير سانول کي ڪلهي تي چاڙهي، نوابشاهہ اڳيان ڪٺي آيو. نوابشاهہ سانول جي پٺي ٺپريندي چيو، ”لاشڪ تون شير مڙس آهين!“

موٽندي بيل گاڏيءَ ۾ سانول هاجره کي آهستي چيو، ”محبت جي ڪرامت ڏٺءِ؟“

”اون هون!“ هاجره اکيون ٽمڪائي ڪنڌ ڌوڻي چيو.

”تنهنجي همت افزائيءَ ڪانسواءِ ملي ڏوس سان ٻچڻ جي منهنجي جاءِ هئي! تون ڀري ته نه وينديئن؟“

”او هون!“ هاجره مرڪندي آکيو.

آها سڄي رات سانول کي خوشيءَ وچان ننڊ نه آئي

## (١٣)

جيئن ماهه هنڌ تي ليٽي پاسا ڦيري ورايا. هنجي سيني ۾ زوريءَ دٻايل جذبا اوچتو بيدار ٿي آٿيا هئا. جذبات جي اِن وڌندڙ طوفان ۾ هنجي دل جي آگ ڀڙڪي، تيز ٿيندي ٿي وئي. اڄ ميلي ۾ ماڻهن جي ملاکڙي ۾ مردانگيءَ جو مظاهرو ڏسي هنجو جسم ڦڙڪي آٿيو هو، سيني ۾ لرزش آئي هئي. دل ۾ چڻ ڪنهن اجهامل چڻنگ ڦوڪ ڏيئي وري ڀڙڪائي ڇڏيو. هن پنهنجي حسرت کي دٻائڻ لاءِ سؤ جتن ڪيا، پر ڪامياب نه ٿي؛ ارمان اجهامڻ کان نابري واري بيٺا. تمنائون اڄ پنهنجي گلي دٻائڻ کان پڙ ڪدي بيٺيون هيون. هنجو جسم پگهر سان شل ٿي ويو هو، دل دماغ ڏکي رهيو هو ۽ ننڊ نه معلوم ڪهڙي اوڙاهه ۾ وڃي غرق ٿي هئي.

گهنشام اڃا ڪنوارو آهي! جذبات جي طوفان ۾ آواز ڏنو.

هو سانول جهڙو سگهارو ۽ مضبوط نہ آهي. سيني جي ڪنهن ڪنڊ مان جواب آيو.

سانول آواره آهي.

منهنجي اکين تي آهي. مان جنڊ پيهي محنت مزوري ڪري کيس کارائيندس.

چا، رام جي تقرري وسري ويءِ؟

وري تہ هٿي ڏسي؟ مان گهر ڇڏي ويندس. سانول رام کان وڌيڪ طاقتور آهي.

سانول نہ مڃي تہ!

مان جوان آهيان، سندر آهيان، موهني آهيان!

مان جوان آهيان!

سندر آهيان!

موهني آهيان!

جذبات اجهل ٿيندي ويئي، تمنائون طاقتور ٿينديون ويئون، ارمان ڪڙ موڙيندا رهيا.

ملي جي بانگ جو آواز آيو. ڪڪڙ دس هڻڻ لڳا. جيئو ماءُ اٿي کڙي ٿي. عورت باغي بڻجي چڪي هئي، محڪم ارادو ڪري چڪي هئي ۽ آئينده بابت رستو کولهي چڪي هئي.

(٤)

”نوابشاهہ شادي ڪري رهيو آهي.“ خانڻ کيس

جي دڪان تي چانهه پيئندي اعلان ڪيو.
”ڪنهن سان؟“ مدن فقير پڇيو.
”ابراهيم وڪڻ جي سوٽ، هاجره سان.“
اها خبر ٻاهه جيان سڄي ڳوٺ ۾ پکڙجي ويئي.
سانول پنهنجو دلپسند گيت ”سهڻا سان سر لڳي منهنجو....“ بيسري آواز ۾ ڳائيندو بازار مان مارڪيٽ ڏانهن ٻئي ويو.
”تو کي خبر آهي؟“ پيمن سانول کي بيهاري پڇيو.
”ڇا جي؟“
”نوابشاهه شادي ٿو ڪري.“
”ڪنهن سان؟“
”ابراهيم وڪڻ جي سوٽ، هاجره سان.“
سانول جي منهن تي هيڊ هارجي ويئي.
”ڪير ٿو چوي؟“ هـن پنهنجي سموري طاقت سنڀالي پڇيو.
”سڄو ڳوٺ ٿو چوي.“
”ابراهيم مڃيو آهي؟“ سانول ٻيو سوال ڪيو.
”ڇا هنکي مجال ٿيندي جو نوابشاهه کي انڪار ڪري!“
”هاجره کان پڇيو ويو آهي؟“
”تون ڳهيلو آهين!“ مصري خان وچ ۾ چيو ”هاجره کي ڪهڙو اعتراض ٿيندو؟“ هوءَ ته ٻئي جي هندورن ۾ وڃي لڏندي.“
”شاهه ته اڳيئي پرڻيل آهي“ ناروءَ ٻيڙيون ٻڌندي

ڏيڪ اُڇلايو.

"اسانجي شريعت چئن شادين جي اجازت ٿي ڏئي، ڇا تو کي اها خبر به ڪانهي؟" مصري خان ٺهڪ ڏنو.

سانول پويان پهر ڪيا ۽ رام جي گهر وٽ پهچي در کڙڪايائين. در جيئوماءُ اچي کوليو. هنجي حيرت ۽ خوشيءَ جي حد ڪانه رهي. وات مان هڪ لفظ به نه اُڪليس. هوءَ هتي پوئتي ٿي بيٺي. سچي محبت جي جي ڇڪ گهلي ڏي آيس .... جيئوماءُ سوچڻ لڳي .... هاڻي ڪيڏانهن بچي ويندو! هنجي چپن تي سوچ جي مرڪ کيلڻ لڳي. پنهنجي موُ ۾ مستان، سانول جي زرد چهري ڏانهن هنجو ڌيان ڏي ڪونه ويو.

"صبوح صبوح جو ڪئن آيو آهين؟" رام ڏندڻ اُڇليندي چيو.

"منهنجي دنيا چوپٽ ٿي ويئي!" سانول رنڊهارڪي آواز ۾ چيو.

جيئوماءُ جي منهن جو پنو لهي ويو.

"ڇا ٿيو آهي؟"

"نوابشاهه هاجره مان نڪاح ٿو وجهي."

"چوري ڀاڳن واري آهي! شڪار به شڪارن جهڙو وجهي ڦاسايائين." رام ٺهڪ ڏنو.

"مان مري رهيو آهيان ۽ تو کي کلهو مذاق پيو سجهي."

"منهنجي هوندي تون ڪئن مرندين؟" رام ٺهڪ ڏنو.

”ها، منهنجي هوندي تون ڪٿي مرندين؟“ جيٺو ماءُ دل ئي دل ۾ ساڳيا لفظ دهرايا.

”ڪو رستو ڪڍ.“ سانول التجا ڪئي.

”رستو آهي: ذرا اوکو.“

”ڪهڙو رستو آهي؟“ سانول اُتاولو ٿي پڇيو.

”مسلمان بڻجي وڃ.“

”وري مذاق ٿو ڪرين نه!“

”مان سچ پچ ٿو چوان. تون مسلمان بڻجي وڃ. عابد خان تو مسلم لاءِ، دين جو واسطو وجهي نوابشاهه کي مڃائيندو.“

”مسلمان بڻجي وڃان؟“ سانول ابوجهه آنڊ ٻـار جيان پڇيو.

جيٺو ماءُ جي دل ڌڪ ڌڪ ڪرڻ لڳي. هوءَ سوين ٻاسون ٻاسي ويٺي.

”مسلمان بڻجي وڃان؟“ سانول ساڳيءَ ريت وري پنهنجو سوال دهرايو.

”مان صلاح نه ڏيندو سانءِ.“ رام هينئر گنڀير بڻجي چيو.

”هڪ ڇوڪريءَ خـاطر ڌرم وڃائيندين؟“ ٻيءَ رنڌڙي مان پڇيو.

”تون آواره لاءِ ڌرم ڪي ڪهڙي معنيٰ آهي؟“ سانول چيو. ”سانولداس مان سانول خان بڻجي ويندس. پر مونکي سانولداس به ڪير سڏيندو آهي؟ مان هميشه

سانول جو سانول رهندس.“ سانول جي چپن تي ڦڪي مرڪ نمودار ٿي.

”نولاء ڌرم کي ڪا معني ڪانهي،“ رام گنڀير نوع ۾ چيو، ”نڌهن ٿي ته مان ڌرم بدلائڻ جي صلاح نٿو ڏيان.“ تون ڌرم بدلائين ته آنجو مطلب اهو ٿيو ته ڌرم کي معني ڏني.“

”يعني؟“ سانول هنجو مطلب نه سمجهي سوال ڪيو.

”نه ته توکي ڌرم بدلائڻ جي ضرورت محسوس ٿي چو ٿئي؟ هيئر تون صوفي آهين، لامذهب آهين ۽ لامذهب هوندي اسلام مذهب ڪئن اختيار ڪندين؟“

”تنهنجون اهي هوائي ڳالهيون مونکي سمجهه ۾ نٿيون وڃن. مان هاجره کي حاصل ڪرڻ لاء ڪجهه به ڪرڻ لاء تيار آهيان.“

”تون هاجره کي سکي رکي سگهندين؟ تو وٽ سکڻي پيار ڪانسواء هنلاء آهي ٿي ڇا؟“

مون جيتري محبت نوابشاهه هن سان ڪري نٿو سگهي.“

”آواره جي محبت تي ڪهڙو بقاءَ! ۽ جي اهو آواره جوئاري آهي ته پڳوان رکي وڃي. مورک نه ٻڌج، پنهنجي ذاتي سک لاء هاجره کي عمر ڀر جي عذاب ۾ نه گهل. پنهنجي رضا خوشيءَ هنکي نوابشاهه جي حوالي ڪري ڇڏ. پوء اچي منهنجي هوٽل سنڀال. اڄ نه سڀان، ڪا نه ڪا سندر موهني ازخود توڏانهن ڇڪجي ايندي.

ڪهر ٺاهي عيش آرام سان رهج."

"مان ٿي اها سندر مورتي آهيان!" جيٺوماءُ جي زبان ذري گهٽ ڌوکو ڏيئي ويهي ها.

"مونکي تنهنجي صلاح منظور نه آهي. سانول محڪم ارادي سان چيو. "مان سر جي بازي لڳائيندس."

"عمدو خيال آهي." رام وري ٽهڪ ڏيئي چيو.

"چانهه پي، تازو توانو ٿي وڃي سر جي بازي لڳاءِ."

"نه، مان وڃانٿو." ۽ منهن ورائي سانول هليو ويو.

"موٽي اچ مان جوان آهيان، سندر آهيان، موهني آهيان!" جيٺوماءُ جي دل مان دانهن نڪتي پر اها دانهن هنجي دل اندر ئي دفن ٿي ويئي. هن ڏيءُ ۽ ناٺيءَ جون نگاهون بچائي ٿڌو ساهه کنيو.

سانول جا قدم بي اختيار شاهوڻ جي باغ ڏانهن وڌندا رهيا "هاجره منهنجي آهي. دنيا جي ڪابه طاقت هنکي مونکان الڳ ڪري نٿي سگهي. هن ڪالهه ئي مونسان عمر ڀر محبت ڪرڻ جو واعدو ڪيو آهي. هوءَ مونکان ڌري نه ويندي مان هنکي حاصل ڪرڻ لاءِ سڀ ڪجهه ڪندس، سر جي بازي لڳائيندس. پنهنجي جيٺري هنکي ٻئي ڪنهنجو ٿيڻ نه ڏيندس؛ ڀلي آهو نوابشاهه جهڙو هلنديءَ پڄنديءَ وارو، رتبي وارو ڇو نه هجي!"

پر شاهوڻ جي باغ ۾ ڦاروهن جي ٻوٽن وٽ پهچي هن جا قدم ڏگمگائڻ لڳا... مان مرتبي، عيش آرام جي

دلاسي تي هاجره ڦري ويٺي هجي ته!

سانول جي دل ٻڏي ويٺي. هن نم جي وڻ جو سهارو پڪڙيو. ٿورو وقت ترسي هو وري اڳتي وڌيو، پر اڳي جيان اڄ ڪليو ڪلايو ابراهيم جي جهوپڙيءَ ۾ وڃڻ جي جرئت نه ٿيس. هو جهوپڙيءَ جي پٺيان وڃي ڪنائين ڀر ڪڇي وٽ ڀتو ۽ اندر ليئو پاتائين.

گهڙاسنجيءَ پرسان منجيءَ تي ويٺي هاجره روئي رهي هئي. زينت پيڻ کي ڀرچائي رهي هئي.

”اڙي ڀڳلي، پٽ جي هندورن ۾ وڃي لڏنديڻ ۽. راڄ مهاڄڻ جون مايون توکي سائڻ سڏينديون.“

”مونکي زهر آڻي ڏيو.“ هاجره اوڇنگار ڏيندي چيو.

”سانول لاءِ تون زهر وٺنديءَ؟“ ابراهيم جو ڪڙاڪيدار آواز آيو. ”بدچلن آواره لاءِ، نڪمي جوڏاريءَ لاءِ تون دين دنيا جي والي، نبيءَ جي اولاد شاهه سائينءَ کي ٺڪرائينديءَ؟“

”مونکي زهر آڻي ڏيو!“ هاجره وري اوڇنگارون ڏيئي روئڻ لڳي.

”شڪر ڪر ته اڃا ٿي اڙون هٿين، ڪميٽي!“ ابراهيم وڏيڪ جوش ۾ اچي چيو. ”شاهه سان، راڄ مهاڄڻ جي وڏيري سان رشتيداري ڳنڍڻ مان اسانکي ڪيڏو فائدو ٿيندو، اهو ته سوچي ڏس. ڀوءِ مجال آهي ڪنهنجي، جو اسان ڏي اک کڻي نهاري سگهي، يا ڏمڪائي سگهي؟ سانول جو شاهه سائينءَ سان ڪهڙو مقابلو؟ جهرڪ ته ڪڏهن

باز جي برابر ٿيو آهي!“
سانول جي دل وڏيڪ صدمو برداشت ڪري نه سگهي.
هو ڏڙندو ڏاڙندو پرڳهل ڪان ٻري هٿي ويو ۽ نولکي جو ڪپ ڏيئي، مست بابا جي مقام ڏانهن وڏيو.
هنجي دل ۾ اڄ صرف هڪڙو ئي سوال بار بار پئي آئيو .... ڇا انسان ايترو بي شڪر، ايترو ذليل ٿي سگهي ٿو؟

(١٥)

سيد نوابشاهه بخاريءَ جو ٻيو نڪاح اسلامي شريعت مطابق هاجره عثمان وڳهه سان ٿي گذريو. هاجره دل جا ارمان دل اندر دفن ڪري، شاهه جي حويليءَ جي اوچين پتين پٺيان غائب ٿي ويئي. بن جي آزاديءَ مٿنا سونهري پڃري جي بنديائي ٿي پئي. ابراهيم وڳهه هوندي، غريب هوندي به شاهه جو، ڳوٺ جي هڪ زبردست هستيءَ جو سنڌو ٿي پيو، سالو ٿي پيو. هنکي ڪا جاگير ڪانه ملي، ڪو رتبو ڪونه مليو، پر تڏهن به هو خوش هو؛ ۽ دل جي خوشي ڇا ڪنهن خزاني يا خطاب کان گهٽ آهي؟
هاجره جي شاديءَ ني هڪ ٻئي انسان کي به بيحد

هوءَ اُنهن ڇتان غالب پئي، اُميد جو سهارو پڪڙي، هنجي راهه ۾ اکيون وڇائي ويٺي هئي.

ڇهڙ جي ٻيڪڙيل دروازي ٻاهران دڪ ٿيءَ تي ڪنهنجو ڊگمگائيندڙ قدمن جو آواز ٿيو. جيٺوماءُ جي جيءَ ۾ جان آئي. هن ڏاڍي خبرداريءَ سان دروازو کوليو. اڄ سانول هوڻ ڪان وڌيڪ نشي ۾ هو. جيٺوماءُ هنکي هٿ جو سهارو ڏيئي اندر ڇڪيو. کٽ تي بسترو اڳي ئي وڇائي ڇڏيو هئائين. سانول کي آني ليٽائي مهڙ وارو دروازو بند ڪري ڇڏيائين.

”بک لڳي هوندءِ.“ جيٺو ماءُ پاڇوهه سان پڇيو. ”روٽي کٽي اچان؟“

سانول ڪو جواب نه ڏنو. نشي جي هڏڪي ڏيئي پاسو بدلايو.

چانڊني رات ۾ جيٺوماءُ هنجي منهن ڏانهن نهاريو؛ اهو کهڙو نه زرد ٿيجي ويو هو! اکيون اڌ کليل، واڇون کي قدر ٽڙيل ۾ مٿي جا وار منهن تي وري آيل.... هن ڏانهن نهاريندي نهاريندي جيٺوماءُ جي اکين ۾ آنسو ٻرجي آيا.

”تون شراب ڇونو پين؟“ هن گوڏن پر زمين تي ويهي، سانول جا وار سنواري هنجي ڳلن کي پنهنجن هٿن ۾ جهلي چيو.

”تون شراب پيئڻ ڇڏي ڏي. تنهنجي هيءَ درد شا مونکان سٺي نٿي وڃي.“ هوءَ سانول جي پيشانيءَ تي

هٿ ڦري آن ڏانهن وار هٿائڻ لڳي.

”تون ماڻهن جهڙو ٿي هل. منهنجي صدقي! پنهنجي هاجره جو قسم اٿئي!“ هن سانول جو منهن مٿي ڪري آءو پانڌانهن ڇڪيو. ”زماني صرف توسان ئي بي انصافي نه ڪئي آهي. مان به ڏکن ڏٺي آهيان.... سورهن سالن جي هيس، تڏهن مائٽن شادي ڪرائي. پر ٻن سالن بعد ئي وڌوا ٿيس. دنيا ۾ جيڪو هڪڙو جان جگر هوم سو به سال اندر وري آيم.

منهنجي جوان دل اندر جيڪڏهن ڪي حسرتون ۽ ارمان هئا ته آن ۾ منهنجو ڪهڙو قصور! پر ڳوٺ جي ڪامي پرشن مونکي صرف رانديڪو سمجهي مون سان کيليو. ڪنهن به منهنجي حسرتن کي سمجهڻ جي ڪوشش نه ڪئي. بيدرد زماني مونتي ذرو به ترس نه کاڌو.“

سانول کي وري هڏڪي شروع ٿي ويئي. جيٺوماڻ پنهنجا هٿ هنجي منهن تان هٽائي ڇڏيا.

”هاجره!“ سانول پڙ پڙ ڪئي. جيٺوماڻ جي ڳلن تان ڳوڙها وهڻ لڳا.

”بيدرد! تون به زماني جيان بي قياس آهين!“

”ڪٿي آهين هاجره!“ سانول بيهوشيءَ ۾ محبوبا کي پڪارڻ لڳو.

”مان هتي آهيان، تنهنجي سامهون ...“ جيٺو ماڻ چپ کي چڪ پائيندي چيو. سانول پنهنجو ٻانهون ڦهلائي

لاءِ سراسر بيدرد نڪتين...."

جيئوماءُ جي اکين مان جهر جهر لڙڪ وهڻ لڳا. اوچتو ڪنڌ تي ڌورو ڪڙڪو ٿيو. جيئوماءُ پاڻ سنڀالي سانول جو هٿ ڇڏي ڏنو ۽ هنجي سيني تان پنهنجو سر هٽائي ڇڏيائين.

ٿورو وقت هوءَ خاموش ويٺي رهي. پوءِ اٿي، آهستگي سان ڏاڪڻ تان چڙهندي مٿي پهتي ۽ ورانڊي ۾ پهل ڪٽ تي ڪري وهاڻي ۾ منهن لڪائي سڏڪا ڀري رئندي رهي.

( ١٦ )

ملڪ جي راڄنيتي هيئر بلڪل نڪڙي ڦرندي رهي ۽ سنڌ ديس به اُنهيءَ بدل سدل کان آجو رهي نه سگهيو. سنڌ اسيمبليءَ جون نڪڙيون چونڊون ٿيون. مسلمانن جون سڀ جڳهيون، هڪ ڪانسواءِ مسلم ليگ جيتيون ۽ هندن جون سڀ جايون ڪانگريس کٽيون. چونڊن وقت ڪانگريس پريزيڊنٽ جوهر لعل نهرو سنڌ جو دورو ڪندي هر هنڌ چيو، "پاڪستان اسانجي لاش تي ٿيندو."

نهرو آزاد پارٽ جو پهريون پرڌان منتري بڻيو، پر آن

اوتي ڪندن کي چيائين، ”مون کونه سمجهو ته ڪڏهن اسان کي به جدا ٿيڻو پوندو. پر حالتن اڳيان ڪنهنجو وس نٿو هلي. عابد خان منڊ ڪان وٺي تنهنجي وڃڻ جي ناڙ ۾ آهي. بو-پي ڪان آبل ڊاڪٽر زهري موقعي جي تلاش ۾ آهي. مان لاچار آهيان.“ شاهه ڀارن جيان ڦٿي هنياءُ رڙڻ لڳو.

”حياتي آهي ته هڪ ٻئي سان ضرور ملنداسين.“ شاهه ڏڪن وچ ۾ سلسلو جاري رکندي چيو. ”پر اول تون هن جهنم کان نڪري پاسو ڪر. خدانخواسته تنهنجي دشمنن کي ڪجهه ٿي پيو...“ شاهه وڌيڪ چئي نه سگهيو.

”مون دوراندیشي ڪري ڪٺش اڳ ۾ئي بمبئي جي بئنڪن ۾ موڪلي ڇڏي آهي.“ رام بزرگي ڏينگ ۾ چيو. ”باقي دڪان آهي، ساهتي اليڪٽرڪ ڪمپنيءَ جا شيئر آهن ۽ اڌ ۾ روڪيل سئنيما آهي.“

”انهن جي چنتا نه ڪريو.“ شاهه آنسن جي درياهه کي بند ڏيڻ جي ڪوشش ڪندي چيو. ”مان زبير کي اهي سڀ وٺي لاءِ مڃائيندس. ڪوشش ڪري جايون زمينون به اڏڪائيندو سانس. مان پاڻ ڪراچيءَ تائين اوهان سان گڏ هلندس. دنيا کي جيڪي بڪڻو هجي سو بڪندي رهي.“

رات جو رام ابراهيم کي چيو، ”سو ڪندن ۾ تون به لڏي رهيا آهيو!“ هنجي ڳالهه جي ڏينگ مان ظاهر هو ته اڄ هو نشي ۾ کونه هو.

"جتي پڇڻ نامي جاءِ، آني پڇڻ ڪم وريام جو."
رام گنڀير نوع ۾ چيو.

"هـا." سانول عجيب انداز ۾ ڪنڌ ڌوڻي چيو.

"اوهانکي خاص نقصان به ڪونه پوندو. جتي ويندا اتي ڀهر ڪٿمنڙن ۽ بسڪيٽن جي ايجنسي ملي ويندو، شاندار هوٽل ڪيڏي سگهندا ۽ شايد سئنيما به ملي وڃيو. اوهان کي ڪهڙي ڳڻتي آهي."

"ڇا، تون نه هلندين؟" رام البت حيرت پريو سوال ڪيو.

"مان؟" سانول ٺهڪ ڏنــو. "مونکي هت ڪير ماريندو؟ ۽ اقت ماريل کي ڀهر مارڻ مان ڪين حاصل ڏي ڇا ٿيندو؟" سانول آيو ساهه پريو.

جيڻوماءُ پريان بيٺي ٻنهي جون ڳالهيون ٻڌي رهي هئي. هنجو هينڊڙو پرجي آيو. دل ۾ آيس ته سانول جو سر پنهنجي ڇاتيءَ سان لائي، هنجا وار سنواري هنکي آٿت ڏيان، پر ديهل سرد آهه پرڻ کان وڏيڪ هوءَ ڪجهه ڪري نه سگهي،

"تون به اسان سـان هل توکي هت ڇڏي اسين ڪيئن ويندا سين؟" رام چيو.

"مونکي چاڻ آهي ته تون منهنجي خوشامد ڪونه ٿو ڪرين." سانول گنڀير نوع ۾ چيو؛ "مونکي خبر آهي ته تون سچ پچ چاهين ٿو ته مان توسان هلان؛ پر مان نه هلندس ته تون رهجي پوندين، اها ڳالهه مان نٿو

جي ڳؤرين ٽرنڪن کي، ڪوٺ ۾ مون کانسواءِ ٻيو ڪير ڪلهو ڏيندو؟ اِن نئين روزگار جي شروعات او هانجي سامان ڍوئڻ سان ٿي ڪندس.“

هو وري ليٽي پيو ۽ پاسو ڦيرائي ڇڏيائين.

رام جي اکين ۾ آنسو ڀرجي آيا پر انهن کي پي ويو. ٻيءَ کان سرد ٺيڪارو ڀرجي ويو. جيئوماءُ جي دل زار زار روئڻ لڳي.

اڌ رات گذرڻ بعد، ڏاڪڻ تان ڪنهن جي لهڻ جو هلڪو آواز ٻڌي سانول اکيون کوليون.

”تون .... جيئوماءُ؟“ سانول سمهي پئي ٿي چيو. پر پوءِ اٿي ويهي چيائين، ”اڄ مان نشي ۾ ڪونه آهيان، جو توکي ماجره سمجهي سيني سان لائيندس. تنهنجي دل جو ڀاوُ مان بخوبي ڄاڻان ٿو، پر مان مجبور آهيان. ننڍي هوندي کان وٺي مون ٻيءَ کي ڀيڻ سمجهيو آهي ۽ ان ناتي تون منهنجي ماءُ آهين!“

جيئوماءُ جي دل تي ڀاري ڌڪو لڳو. سانول اٿي چيو، ”جڏهن سڳي ماءُ ٿي مونکي ڇڏي ويندي رهي، تڏهن تون هت رهي ڇا ڪنديئن؟ توکي وڃڻو ٿي پوندو. هاڻي تون وڃي سمهه، صبوح ٿيڻ ۾ اڃا دير آهي.“

جيئو ماءُ بيٺي هنجون هاريندي رهي.

”ٻڌءِ ڪونه؟“ سانول خوشيءَ مان چيو، ”وڃ“

جيئو ساهُ کي هنجي آکيا جي النگهڻ ڪرڻ جي همت نہ ٿي. رت جا ڳوڙها ڳاڙيندي مٿي هلي ويئي.

* * * * * *

احمد شاهہ جي صلاحن سان ڪندن ۽ رام، ڀريا روڊ اسٽيشن کان سنڌ ايڪسپريس پڪڙڻ جو فيصلو ڪيو. سامان بيل گاڏين تي چاڙهڻ لاءِ ٻہ چار آدمي اڳيئي آيل هئا پر سانول ڪنهن کي بہ ڪي چوڻ کانسواءِ ٽرنڪون ۽ بسترا ڍوئڻ لڳو. هن ڏٺو تہ مدن فقير بہ هنن سان گڏ وڃي رهيو آهي.

سانول ٺٺولي ڀريئي نوع ۾ چيو، "مدن فقير تون بہ؟ تو کي هت ڪهڙو ڏک آهي؟"

مدن فقير جواب ڪونہ ڏنو، صرف مرڪڻ جي ڪوشش ڪيائين.

ڪندن جا پيسا ۽ رام جي محنت تہ اتي بہ رنگ لائيندي، پر تون ڇا وڃي ڪندين؟

مدن فقير وري بہ ڪو جواب نہ ڏنو.

"تنهنجو محبوب ڪلڙو غني بہ تہ هت آهي. خير.. اتي بہ تو کي نئون محبوب ملي ويندو." سانول وري سامان ڍوئڻ کي لڳي ويو.

ڪندن جئن هين مزورن کي مزوري ڏيئي رهيو هو تئن سانول بہ هن اڳيان هٿ ڦهلائي چيو، سوٽ،

منهنجي مزوري!

ڪندن منجهي پيو، پر رام هڪدم کيسي مان پنجن روپين جو نوٽ ڪڍي سانول جي هٿ تي ڪڻي رکيو.

"نر جي ٻهڻي!" سانول نوٽ پيشانيءَ تي رکندي چيو ۽ منهن ورائي گهٽيءَ ۾ گهڙي ويو.

هن نه ڪنهن سان وڌيڪ ڳالهايو ۽ نه ڪنهن ڏانهن منهن ورائي نهاريائين. ٿورو اڳتي وڌي هن اڄ به پنهنجي بيسري آواز ۾ ڳائڻ شروع ڪيو....

پکيئڙا ولر کان وڇڙيا، وڃي اهيءَ ۾ آڙيا!

"ٻرک انقلابي اڳواڻ" سلسلي جي ٽئين ڪڙي

# "لينن"

مظلومن جي عظيم انقلابي اڳواڻ جي حياتي جي ڪهاڻي رسول بخش پليجي جي قلم مان هوچي منهه ۽ مائوزي تنگ کانپوءِ ٽئين پيشڪش.

سنڌ جي واحد انقلابي مخزن

ماهوار

"سهڻي"

سنڌ جو اڪيلو

ماهوار ادبي انقلابي ۽ اصلاحي ڊائجيسٽ

"ملير ڊائجيسٽ"

يارو توهان به پڙهو! پرچا....

"روشن تارا"

ادبي، فلمي ۽ ٻين موضوعن لاءِ هميشه

"نئين سنڌ"

پبليڪيشن

جا ماهوار ڪتاب پڙهو

اسان جا ايندڙ ڪتاب

آفند ڪولاڻيءَ جو شاهڪار

ناول

# منهنجي مٽڙي سنڌ

گوبند مالهي جو ٻيو

لازوال ناول

# "شرم ٻوٽي"

نوبل پرائيز يافته جڳ مشهور

## ڪلاڪار ۽ اديب

رابندر ناٿ ٽئگور جو ناول

## "سهڻي"

## لاڙڪاڻه ريڊيو اليڪٽرڪ ٽريڊرس

هتي هر قسم جا ريڊيا، پارٽس، پکا ۽ ٻيو
بجليءَ جو سامان جي وڪري ۽ مرمت جو
اعليٰ مرڪز

ڊيلر

# سنگر سلائي مشين

## پاڪستان ڪيبلس